عشق سلامت رهي



بياض

صوفي وريل فقير ابڙو

ترتيب

امير علي ابڙو

This gif give you from Dargah.
with love ~~and~~ we give you.
Tariq Hayat Lashari.

27/01/2018

بيدل ڪتاب گهر
پرسان سٽي بيڪري
سنڌ بئنڪ سامهون نادر هوٽل
اسٽيشن روڊ لاڙڪاڻو.
0307-3471205 - 0302-25908

From:- Faqeer Gada Hussain

رابيل ڪتاب گهر
0307-3471205 - 0302-2590694

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي، سان جيڪو ٻاجهارو ۽ رحم ڪرڻ وارو آهي.

Ali Nawaz Alias H...im Ali Abro
Sajad...
Dargah ... Kamber
Village Ditel / ...
Cell: 0304-7700251

رابيل ڪتاب گهر
پرسان سني بيڪري
نيو سنڌ بئنڪ سامهون ناز هوٽل
اسٽيشن روڊ لاڙڪاڻو.
0307-3471205 - 0302-2590694

عشق سلامت رهي

ڇپائيندڙ جا سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

كتاب جو نالو : عشق سلامت رهي

ڇاپو : پهريون

سال : 2007

ترتيب : امير علي ابڙو

كمپوزنگ : امير علي ابڙو

ڇپيندڙ : كاتب پرنٽنگ پريس
لڳ پرڳڙي پلازه،
GPO روڊ لاڙكاڻو 4162727

ڇپائيندڙ : فقير علي نواز عرف
حاكم علي

مُلهه : 100 روپيه Rs200

"Ishque Salamat Rahe"
Poetry of *Soofi Waryal Faqeer Abro*
Compiled by: *Amir Ali Abro*
e-mail: amiraliabro@yahoo.com
Published by: *Faqeer Ali Nawaz Alias Hakim Ali*
Printed by: Kaatib Printing Press Larkano.

ملڻ جو هنڌ:
رابيل كتاب گهر اسٽيشن روڊ لاڙكاڻو
الوحيد بڪ اسٽور بندر روڊ لاڙكاڻو

فهرست:

مضمون	صفحو
1. پيغام	01
2. پنهنجي پاران	03
3. ٻالڪ پڻو	07
4. سيرت ۽ صورت	08
5. ڏاڏنگ جو سلسلو	10
6. جواني	11
7. مرشد جي نظر	12
8. پهرين شادي	16
9. ٻئي شادي	17
10. درس و تدريس	19
11. سندن وٽ ايندڙ راهي	19
12. طالب ۽ رهندڙ فقير	20
13. مرشديءَ جو سلسلو	21
14. علي نواز عاشق	23
15. شاعري سائين علينواز	26
16. وريل فقير ثاني	31
17. درگاه جو موجوده منظرنامو	37
18. فقير علي نواز عرف حاڪر علي	39
19. فقير بخت حسين	
20. فقير گدا حسين	47
21. درگاه جا ويراڳي فقير	48
22. شاعري ۽ ان جا موضوع	49

(شاعري)

موضوع	صفحو
01. پنجتن	51
02. نصيحت	54
03. عشق، عقل	67
04. عشق، برهه	76
05. اناالحق، همه اوست	83
06. صوفي، وصالي	92
07. اکڙيون، حسن	98
08. وصال، ڪانگل	109
09. جوڳي	118
10. سسئي	114
11. مومل راڻو	129
12. سهڻي ميهار	131
13. عمر مارئي	132
14. نوري ڄام	134

درگاه جو ڀاهريون ڏيک

سائين وريل فقير "اول" جي مزار شريف

درگاھ جي فقيرن سان مختلف درگاھن جا فقير ويراڳ ڪندي

درگاھ جا فقير ويراڳ جي سُنگ ۾

درگاھ جي فقيرن سان مختلف درگاھن جا فقير ويراڳ جي سنگ ۾

درگاھ جا فقير ويراڳ جي سُنگ ۾

پيغام

مرشد جي درگاهه جي خدمتگاريءَ ۾ زندگي گذري آهي. زماني جي سالن جي تجربن جي بنسبت صوفي درويشن جي صحبت جو ٿورڙو وقت به انسان کي هڪ اعليٰ درجي جو علم سيکاري ڇڏي ٿو، جنهن جو مثال ڪنهن به درسي ڪتاب يا درسگاهه مان ملڻ مشڪل آهي. ڇو ته تصوف جو پهريون ڏاڪو عقل جي آخري راهه گم ٿيڻ کان پوءِ ئي شروع ٿيندو آهي. آءٌ ته هن سلسلي جو اگر شاگرد به ٿي وڃان ته منهنجي لاءِ فخر کان گهٽ ڪونه ٿيندو. ڪنهن درويش چيو آهي ته ”عشق پوري ڪائنات جي آڏو پنهنجي نفس ۽ انا تي ضابطي جو نالو آهي“. اسان تي مرشد پاڪ جو اڻ ميو قرب آهي جو خدمتگار جي حيثيت ۾ قبول ڪندي اڻ لائق اجاريا اٿائون، بابا سائين جن ڪنهن فقيرجا چيل لفظ دهرائيندا هئا ته ”وتن ولن سان ورايون يار ورايون دلبر ديدان اڙايون يار اڙايون“ ياد ڪندي اجان تائين اهو يقين اچي ٿو ڄڻ ته ڇڻ نندي جيان سندن چولي جي ڪنڊ پڪڙيو هلي رهيو هجان. بس اها دعا آهي ته خدمتون قبول پون ۽ اڻ توريو اگهائين.

وريل سائين جي درگاهه جي تعمير ۽ سندن بياض ڇپرائڻ منهنجي ديرينا خواهش هئي. بس انتظار هيو ته ڪڏهن ٿا مالڪ هن لائق سمجهن. حقيقت اها آهي ته هي سڀ ڪجهه

ايترو جلدي ڪيئن پايهٔ تڪميل تي پهتو؟ جو رسالو توهان جي هٿن ۾ آهي، ۽ درگاه جو ڪم ٻه مڪمل تي چڪو آهي يقيناً هي مرشد جي نظر جو ڪمال آهي ۽ سندن خزاني مان ئي عطا ڪيو اٿائون. اڃان ڪجهه اميدون آهن ۽ مرشد تي يقين آهي ته جلد پوريون ٿينديون.

وريل سائين جي رسالي ڪي سهيڙڻ جو ڪم ته گهڻي وقت کان آهسته آهسته هلي رهيو هيو. پر ان کي جلدي پورو ڪري عام ماڻهن تائين پهچائڻ ۾ دير ٿي آهي اهو دل سان قبول ڪريان ٿو. ۽ ان ڳالهه جي خوشي ضرور آهي ته اڄ هي ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي. سهيڙجڻ کان پوءِ ڪتاب کي بهتر انداز ۾ ترتيب ڏيڻ تي اسان جو ننڍو ڀاءُ امير علي جس لهڻي اميد آهي ته سندس محنت فقير سان محبت ڪندڙ سيني سانجاهه وند ماڻهن کي پسند ايندي ۽ مرشد وريل سائين جن وٽ ٻه سندس هي محنت قبول پوندي.

فقير علي نواز عرف حاڪم علي ابڙو
خدمتگار
درگاهه صوفي وريل فقير

پنهنجي پاران

پالڻهار ڪائنات جي ذري ذري کي پنهنجي هڪ خاص فطرت تحت بڻايو آهي، اهڙي طرح سيني قومن کي پڻ هڪ خاص فطرتي رويو حاصل آهي، جنهنجو اثرسندن فڪر،نظريي، عقيدي،۽ عملن تي چٽي طرح ظاهر هوندو آهي. سنڌ ۽ سنڌي قوم جي فطرت جو محور تصوف آهي. صدين کان سنڌ ۾ اهڙيون شخصيتون پيدا ٿينديون رهيون آهن جن تصوف جي فقر تحت هڪ اعليٰ عملي ۽ رهبري واري زندگي گذاري آهي. اهڙن نظرياتي ماڻهن مان گهڻن پنهنجو پاڻ کي سندن فقرجي مخصوص اصول تحت لڪل رکيو۽ وري تمام ٿورڙن پنهنجوپاڻ کي مختلف طريقن سان ظاهر ڪري ٻتصوف جي فقر لاءِ رهبري واري راهه اختيار ڪئي. انهن جي رهنمائي جو اهم ذريعو شاعري هيو. اگر اسين هن اندازمڙسندا سين ته اسان کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان اهي سڀ صوفي واضح ڏيک ڏيندا، جن مان اتر سنڌ جي لاڙڪاڻي واري پرڳڻي ۽ هاڻوڪي قمبر شهدادڪوٽ ضلعي ۾ لاڙڪاڻي شهرکان اولهه طرف ۽ قمبر شهرجي اويرطرف اٽڪل چوڏهن چوڏهن ڪلوميٽر پري ڳوٺ ڏتل ابڙو ۾ ”صوفي وريل فقير“ جي درگاهه پڻ موجود آهي.

هي ڪتاب جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي ان ۾ سندن شاعري ۽ زندگيءَ بابت مختصراحوال لکيل آهي. پاڻ پنهنجي

شاعري ڪنهن ڪتاب تي نہ لکيائون ۽ نہ وري ڪنهن کان لکرايائون فقط پاڻ جهونگاريندا رهندا هئا، يا وري سندن فقيرياد ڪري ڳائيندا هئا. اهڙي طرح سينا بہ سينا فقيرن کان فقيرن تائين پهچندي رهي. سندن جي وصال کان گهڻو پوءِ سهيڙڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، ۽ اڄ تائين شايد مڪمل طرح سهيڙجي نہ سگهي آهي. شاعري کي درگاهہ سان وابستہ جن شخصيتن سهيڙي ڪتابي صورت ۾ آندو انهن ۾ صوفي وريل فقير ثاني، غلام علي چانديو،سائين فدا حسين ابڙو،فقير گل محمد خان ڳورڙ، فقير غلام صديق ابڙو، فقيرحڪيم خادم حسين، آصف نبي بروهي، فقير مبين احمد لانگاهہ ۽ فقير حاڪم علي شامل آهن. ڪتاب ۾ وريل سائين جي شاعري ۽ مختصرسوانح عمري کان علاوہ سندن فرزند سائين عليнواز "نوازل" جن جي زندگيءَ جو مختصرذڪر، سندن شاعري، سندن پوٽي ۽ عليнواز سائين جي فرزند بخشيل فقيرعرف وريل فقير ثاني جن جي زندگيءَ جو مختصر احوال ۽ هڪ ڪافي جيڪا سندن رکيل ڪتابن مان ملي سگهي شامل آهي.

ڪنهن بہ صوفي درويش ۽ شاعرجي بياض تي نالورڪڻ تمام گهڻو مشڪل آهي.وريل سائين جن پنهنجي شاعري ۾عشق حقيقي ۽ محبوب جي وصال،کي ڇڻي طرح سمجهايو آهي. ان کان علاوہ عشق کي اعليٰ ۽ عقل کي ادنيٰ قرار ڏيندي ڪيترن ئي جڳهن تي عشق جي اعليٰ منصب جي

تعريف ڪئي اٿائون، اهڙي شاهدي تحت هڪ ڪافي ۾ عشق
کي دعا ڏيندي فرمايو اٿن ته

” عشق سلامت رهي دين ڪفر درڪار نہ ڪوئي“

سندن اهڙي شاعري ۽ فڪر کي نظر ۾ رکندي هن
ڪافي جي تله جوحصو ڪڻندي بياض جو نالو ”عشق سلامت
رهي“ رکيو ويو آهي. شال قبول پوي!

اهڙي طرح وري درويشن جي شاعري کي سندن معنيٰ،
مقصد، متن، ۽ انهن جي پنهنجي فڪرمطابق ترتيب ڏيڻ
ناممڪن آهي پر ناچيزعقلي دليلن کي نظرِ رکندي سندن
شاعري کي مختلف موضوعن تحت ورهايو آهي. جن کي
ڏسندي اهو محسوس ٿئي ٿو تہ سندن شاعري جو گهڻومحور
عشق عقل، محبوب حسن، وصل وصال، نصيحت، جوڳي جو
روپ، ڪانگل، صوفي، خودي ۽ اناالحق رهيا آهن.

اڄ جي ماده پرستيءَ جي دور ۾ هر هڪ انسان ذهني
انتشار جو شڪار آهي، انيڪ مسئلن جي ور چڙهي ڪيس
پنهنجو پاڻ کي سنڀالڻ ئي مشڪل ٿي ويو آهي. بس اهڙي نہ
سمجهائي سگهجندڙ ۽ وري نہ سمجهي سگهجندڙ حالات ۾
روحاني سڪون جوهڪ لمحو بہ هڪ اعليٰ حيثيت رکي ٿو.
اميد آهي تہ هي ڪتاب باشعور انسانن لاءِ ذهني سڪون ۽
فقيري لاڙي لاءِ مشعلِ راهه ثابت ٿيندو ۽ تصوف جي پانڌيئڙن
لاءِ پڻ بهترين ساٿي ثابت ٿيندو.

پنهنجي زندگيءَ جي ناقص تجربن ۽ تصوف جي شاگرديءَ جي داخلائن لاءِ نهندڙ قطار ۾ آخري نالائق هوندي اهو ضرور محسوس ڪيو اٿم تہ تصوف جو اصلي ۽ اعليٰ فڪر ئي ذهني سڪون حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو آهي.

مرشد جي هن اعليٰ ترين ڪتاب ڪي ترتيب ڏيڻ جي جيڪا نوڪري ڏني آهي شال قبول پوي.

دائم دم آ جنهن جو هردم، ڪارقتل جي ڪاري ٿو
رانول راز رضا جو رهبر، اڻ لائق اجاري ٿو.

(وريل فقير)

امير علي ابڙو
لاڙڪاڻو
28.09.2007

ٻالڪ پڻو

پاڻ ننڍپڻ کان ئي سلڇڻا سمجهه وارا ننڍن سان پيار ڪندڙ ۽ وڏن جو ادب ڪندڙ هئا. جيتوڻيڪ ڪڏهن به ڪنهن اسڪول يا مدرسي ۾ پڙهڻ لاءِ ڪون ويا، پر پوءِ به سندن طبيعت ڪنهن سٺي پڙهيل لکيل نينگر جيان ادب ۽ سمجهه سان سرشار هئي. سندن وقت گهڻو ڪري راڳ ڳائيندي گذرندو هيو، ۽ مختلف فقيرن جا چيل ڪلام جهونگاريندا هئا. وڏڙن کان ورثي ۾ مليل ٻڪرين جو شوق پڻ سندن ٻالڪ پڻ جي شوق ۾ شامل هيو ۽ گهڻو ڪري ٻڪرين جي ڌڻ کي چاريندا هئا. ٻڪرين چارڻ دوران ڪافيون پڻ جهونگاريندا هئا. راند روند سان گهڻو شوق ڪون هين گهڻو ڪري گهٽ ڳالهائيندا هئا. سندن ننڍ پڻ ئي مالڪِ حقيقي جي عشق ۽ محبت سان سرشار ٿي چڪو هيو. ننڍڙي عمر ۾ ئي سندن طبيعت ۾ اهڙا گڻ هئا جو وڏا پڻ متاثر ٿي ساڻن عزت سان پيش ايندا هئا. پاڻ پنهنجي ننڍي هوندي مرشد جي سڃاڻ ۽ محبت جي شاهدي ڏيندي فرمايو اٿن ته.

ننڍي نينهن لاتم، سائڻ کي سڃاتم،
”وريل“ پيچ پاتم، ورهيه ٿيا وڪاڻي.

سيرت ۽ صورت

فقير وريل سائين جن کي الله تعاليٰ جي ذات بابرڪات سهڻي من مهڻي صورت عطا ڪئي هئي. سندن اکيون وڏيون رعب دار ۽ پرڪشش هيون. سينو ڪشادو، رنگ گلابي، چيلهه سنهي ۽ قداور جاننا جوان هئا. پاڻ وار ڏگها، ڏاڙهي مبارڪ پوري پني ۽ شهپر وڏا رکندا هئا. وريل سائين جن پيريءَ ۾ ڪڏهن به ميندي يا خضاب جو استعمال ڪونه فرمايو. پوشاڪ ڪا به مقرر ڪانه هوندي هين؛ پر گهڻو ڪري اڇو چولو ۽ شلوار پهريندا هئا. چولي جي گچي ۽ شلوار جا پائنچا ذريءَ تي پريل پائيندا هئا. ڪڏهن گيڙو ويس، جيڪو سندن طريقت جي نشاني پڻ آهي، پهريندا هئا. صفائيءَ کي بيحد پسند ڪندا هئا ۽ پاڻ به هميشه صاف ڪپڙا پهريندا ۽ صاف سترا رهندا هئا. ڪڏهين ڪڏهين هٿ ۾ ڪاري رنگ جي ڪاٺ جو ڏنڊو کڻندا هئا. سفر دوران ڪڏهن ڪڏهن گهوڙي سواري پڻ ڪندا هئا.

فقير سائين جن مٺڙي گفتار جا مالڪ هئا. ڪيترائي ماڻهو سندن آواز تي موهت ٿي پوندا هئا. فقير سائين کي ننڍي هوندي کان ئي ڳائڻ سان دلچسپي هئي ۽ پاڻ به سريلو ۽ من موهيندڙ راڳ ڳائيندا هئا.

پاڻ انسانيت پسند غريب جا همدرد ۽ پيار ڪندڙ هئا، پنهجي فقيرن کي پراوِڙا يا حقيقي اولاد سڏيندا هئا. ڪين اهڙو ئي پيار ۽ محبت ڏيندا هئا. ڪڏهين به اهو ڪون پسند ڪندا هئا تہ فقير پنهنجا گهر اولاد ڇڏي اچي سندس خدمت ۾ رهن، پر ڪين اها صلاح ڏيندا هئا تہ بابا پنهنجي گهر ۽ اولاد جي خدمت ڪريو پوءِ اگر توهان کي وقت ملي تہ مون ڏانهن اچو ورنہ توهان جي حق ۾ اهو بهترآهي تہ پنهنجي گهر جي خدمت ڪريو. پاڻ هڪ ڪافي ۾ فرمايو اٿئون تہ:

جنهن گهر سان گهاريو ڪينڪي، سا پرَ سان ڪندي ڪيئن
جيئن ۽ تيئن، جاڻ جاليندي ڪينڪي.

ڏاڏنگ جو سلسلو

ابڙو ذات جي پشت مان تاجاڻي، مغراڻي، ڪڪراڻي ۽ ڪوڏراڻي چار پاڙ هئا. حضرت صوفي وريل فقير سائين جن تاجاڻين جي اولاد مان آهن. تاريخي حوالا معلوم ڪرڻ کان پوءِ خبر پئي ته فقير سائين جن جا وڏا اصل گورا ناڙيءَ جي بيدار پٽ بلوچستان جا رهاڪو هئا. جتان ڪبڙ خان ابڙو آدم شاهه ڪلهوڙي سان گڏ سنڌ ۾ آيو ۽ خيرپور ميرس ۾ اچي رهائش اختيار ڪيائين. تنهن کان پوءِ سندس پٽ سالار خان خيرپور ڇڏي اچي ڳوٺ داين جي واند تعلقو ڳڙهي ياسين ۾ سڪونت پذير ٿيو ۽ ڪجھ عرصو اتي ئي رهيو. سندس نالي تي ديهه سالار خان اڃا به موجود آهي. سالار خان جي مرڻ کان پوءِ سندس پوٽي تي نالو سالار خان رکيو ويو جنهن وڏو ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي خاندان سميت هجرت ڪري لاڙڪاڻي ۽ قمبر جي وچ تي ڳوٺ ڏتل ابڙو ۾ رهائش اختيار ڪئي. سالار خان ابڙي کي ٻڪرين ڌارڻ جو تمام گهڻو شوق هيو، ان ڪري پاڻ پنهنجو ٻڪرين جو ڌڻ پڻ ڪاهي آيو، اڳتي هلي سندس ٻڪرين جي شوق کي سندس اولاد پڻ پسند ڪرڻ لڳي. سالار خان کي حمل خان ۽ محمد خان نالي ٻه فرزند هئا. حمل خان ابڙي پنهنجن مائٽن مان شادي ڪئي ۽ خدا تعاليٰ کين ڇهن پٽن سان نوازيو. جن مان ننڍي ۾ ننڍو پٽ "وريل" سائين اٽڪل 1838ع ڌاري ڳوٺ ڏتل ابڙو ۾ پيدا ٿيا. سندن پيدائشي نالو الهورايو رکيو ويو هو. ۽ پوءِ مرشد جي مهربانيءَ سان "فقير وريل تلهي وارو" جي نالي سان مشهور ٿيا.

سندن وصال 1918ع ۾ سندن آبائي ڳوٺ ۾ ٿيو

جواني

اهڙا روح جيڪي نند پڻ ۾ ئي مرشد جي نظر ۽ مالڪ حقيقي جي سڃاڻ ۾ گذريا هجن تہ انهن جي جواني ڇا هوندي؟ عام حالت ۾ انسان جواني جي عالم ۾ يا تہ جنوني طرح زماني جي خوشين ۽ شوقن ۾ پرپور هوندو آهي يا وري عقل جي ور چڙهي علم جو ڳولائو ۽ دولت ڪمائڻ جي جفاڪشي ۽ خود پرستي ۾ مشغول رهندو آهي. پر وريل سائين زندگي جي هن پر لطف حصي ۾ عقل جي خام خيالن کان ڪوهين دور ۽ عشق جي اثر ۾ ايترا تہ محو رهيا جو عقل کي غير ضروري قرار ڏئي ڇڏيائون. مرشد تي يقين جو اهو عالم هيو جو پاڻ کي هميشہ وصال ۾ سمجهيائون، خودي کي خيالِ خام سمجهندي عشق ۽ برھ کي بقاء جو نظارو سمجهندا رهيا هڪ جڳهه تي فرمايو اٿن تہ.

امُر جنين تي عشق جو برھ چڙهيو باري، بيخود برھ بقاء جي سدَ تنين ساري،
"وريل" رهن وصال ۾ اهي خاوند خماري، ڪلهي ڪٽاري، اٿن هردم هاديءَ هوت جي.

جواني جو عالم يقينن ڪنهن جهل پل جو نہ آهي پر اگر مرشد جي نظر تي هميشہ اهو يقين هجي تہ (واڳ ڏڻي جي وس آءٌ ڪا پاڻ وهيٽي) تہ پوءِ حقيقت ۾ جواني جون نفساني خواهشون ڪا معنيٰ ڪون نہ ٿيون رکن. اهڙي ئي حالتن تي قابض هجڻ لاءِ مرشد جي نظر جي شاهدي ڏيندي ۽ (وَتُعِزُّ مَنْ تَشَآءُ وَتُزِلُّ مَنْ تَشَآءُ) جي ڳالهه ڪندي فرمايو اٿن تہ.

سي پڻ سورهيہ جوان، جيڪي شهوت رکي شاهُ ٿيا.
"وريل" تن امان، هاديءَ ڏني حق جي

مرشد جي نظر

هڪ عمر رسيده ۽ الله لوڪ ماڻهو فقيرسائين الله ڏنو، جنهنجو مقبرو جهل مگسي ۾ آهي. پاڻ وڏا ڪامل درويش ٿي گذريا آهن. سندن آمد اڪثر ڪري ڏتل ابڙي (سائين وريل فقير جي اباڻي ڳوٺ) ۾ ٿيندي رهندي هئي. پاڻ شاعر پڻ هئا ۽ ڏتل ابڙي وارن کي سندن شاعري بيحد پسند هئي جو سندن شاعريءَ کي دلچسپيءَ سان جهونگاريندا هئا. سندن اچڻ ڳوٺ جي ٻاهران هڪ ننڍڙي ڳوٺ سيدن جي ڳوٺ ۾ ٿيندو رهندو هيو جيڪو ڳوٺ هاڻي سيد گنهور شاهه جي ڳوٺ نالي سان مشهور آهي، جتي الله ڏنو سائين اڪثر ڪري ايندو هيو. ان ڳوٺ ۾ رهڻ کان علاوه، هو ڏتل ابڙي ۾ پڻ ايندا رهندا هئا ۽ ڳوٺ جي تاجاڻي پاڙي ۾ تاجاڻي ابڙن جي مڪان جيڪو "ملن جي مڪان" سان مشهور هيو ۾ ويهندا ۽ ڪچهريون ڪندا هئا. جيئن ته الله ڏنو سائين جي گهڻي اچڻ سبب تاجاڻي پاڙي جي ماڻهن تي تصوف جو گهرو اثر هيو ۽ سندن دل سان عزت پڻ ڪندا هئا. سيئي کين مرشد ئي چوندا هئا. پاڻ هڪ دفعي سيدن جي ڳوٺ کان ڏتل ابڙي اچي رهيا هئا ته وريل سائين ٻنين ۾ ٻڪريون چاريندي ڪافي جهونگاري رهيا هئا. جڏهن سندن نظر چوڏنهن سالن جي الهورائي تي پئي ۽ سندس روح مان نڪرندڙ ڪافي ٻڌائون ته کين تمام گهڻو پسند آيا. اصل ۾ ڳالهه ڪافي ڳائڻ جي هئي يا

الھورائي جي سيرت ۽ صورت جي جيڪا مرشد کي پسند آئي جو فيصلو ڪرڻ تہ مشڪل آهي پر جتي علم ۽ عقل، زمان ۽ مڪان، قسمت ۽ قلم جي ڳالھ اڳ ئي طئي ٿيل هجي تہ ائين ئي لڳندو تہ ٻڪريون چاريندي ملڻ تہ صرف بھانو ئي هيو باقي اصل حقيقت اھا هئي تہ

الله هو اندر ۾، جمندي ئي ڄام،
وڏي سر "وريل" چئي، سِسيون ڏين سلطان،
نينھن سندا نشان، ڄُڻن ٿا ڇئوڳان ۾.

هڪ ڳوناٽي 14 ورهين جي ڇوڪر جي اکين ۾ حقيقت جي سڃاڻ لاءِ مرشد جي معرفت جي اڄ تہ ضرور هئي. پر اھو سندس لاءِ معجزي کان گھٽ ڪونہ هيو تہ بغير ڪنھن ڳولا ۽ تڪليفن جي مرشد پاڻ ويجھو اچي فرمائي تہ ڇوڪر ڪير آهين؟ ڪنھن جو پٽ آهين؟ يقيناً الھورائي ۾ ڪا اھڙي مٽيا موجود هئي جيڪا مرشد کي ڏانھنس ڇڪي آئي. ان پھرين نظر ۾ ئي وريل پنھنجي مرشد کي سڃاڻي ورتو سندس اھو يقين هجڻ جي ڳالھ پاڻ اڳتي هلي شايد هن طرح ظاهر ڪيائون تہ.

ڪانگل قريبن ڏي منجڻ آھ ميار،
پورهيت جي پاڻ ڏٺي اچي ساڄن لھندمِ سار،
وِٽ نہ وڃھندمِ وار، "وريل" گوهر ڏنھن گوليءَ جي.

الله ڏنو سائين جن الهورائي سان مليا جڏهن ڳوٺ ڏتل ابڙو ۾ ملن جي مڪان تي پهتا تہ سندن رهڻ ڪونہ ٿيو جلدئي اتي ويٺل ماڻهن کان پڇيائون تہ حمل خان ڪٿي آهي ڪيس سڏائي ونو. حمل ابڙو جي حاضر ٿيڻ کان پوءِ پڇيائونس تہ ابا گهٽا پٽ اٿئي جواب ملين تہ چار، سائين جن فرمايو تہ پيلا هڪڙو مونکي ڏيندين؟ جتي ڳوٺ جا سيئي ماڻهو ڪين مرشد جي نظر سان ڏسندا هئا اتي حمل ابڙو ڪٿي تو نهڪر ڪري سگهي! پرحقيقت ۾ تہ هي ازل جو فيصلو هيو مرشد ۽ طالب جي سڪ ۽ سار لهڻ جي ڳالهہ هئي. پوءِ حمل جڏهن پنهنجي پٽن کي وٺي آيو تہ انهن ۾ سڀاجهڙو الهورايو پڻ شامل هيوڪيس يقين هيو تہ اڄ سندس مالڪ ڪيس پنهنجو ڪرڻ آيو آهي. مرشد جو ڏانهنس اشارو ڪرڻ تہ هي منهنجو آهي ۽ حمل عرض ڪيو تہ سڀ توهان جي ملڪ آهن. پرمرشد جي ان اشاري سان الهورايومان ”وريل فقير“ تي ويو. بس ڪيس پَل ڪن ۾ دنيا جي حقيقتن جي پروڙ پئجي وئي پاڻ مست ٿي ويا. هڪ شعر ۾ هن علم ۽ ڪيفيت جي شاهدي ڏيندي فرمايو اٿن تہ.

نت نماز پڙهائي رانجهن، ڪيڙيان سڀ خطائي،
تخت هزاري دا صاحب آيا، جنهن طبل وڄايا شاهي،
”وريل“ مار نعرا اناالحق دا، بيشڪ آ بيپرواهي.

مالڪِ حقيقي جي سجاڻ، ۽ مرشد جي پنهنجو ڪرڻ کان پوءِ وريل سائين ڪجھ وقت تائين آرام جي حالت ۾ رهيا ڪائڻ گهر، ماءُ، پيءُ، ڪائڻ، پيئڻ وسري ويو، جيستري تائين الهڏنوسائين ڳوٺ ۾ رهيا هو ساڻن گڏ رهيو. پر مرشد جي واپس وڃڻ کان پوءِ وريل سائين هڪ گودڙي ساڻ ڪري مجزوبي جي حالت ۾ پنهنجي بيخوديءَ ۾ مست رهيا. گهر اچڻ وڃڻ ڇڏيائون نفسي طلبن کان پري رهيا، سندن اهاڪيفيت ڏسي مڻ مائٽ ۽ ڳوٺ وارا کين چريو چوڻ لڳا. سندن والده، والد صاحب ۽ ويجها مٽ عزيز گهڻو پريشان هئا. سندن ناڻءِ ٽيل مگيندي جا مائٽ ته ڪيس سڳ ڏيڻ کان بلڪل نابري واري ويٺا هئا. اهڙا حالات سندن والد صاحب لاءِ بلڪل تڪليف ڏيندڙ هئا. آخرڪار حمل ابڙو ڪي پٽ جي محبت ۽ ٺنهن جي نه ملڻ جي غيرت واري پريشانيءَ هن ڳالهه تي مجبور ڪيو ته هو مرشد الله ڏنو سائين جن سان ملي ۽ ڪيس وريل جي پوري روئداد ٻڌائي. سندن والد صاحب جي اها خواهش تڏهن پوري ٿي جڏهن الله ڏنو سائين جن سيد گهنور شاهه جي ڳوٺ آيا ۽ حمل ابڙو انهن سان ملي کين پوري روئداد ٻڌائي. وريل سائين جن جي والد صاحب کي مرشد پريشان ڏسي فرمايو ته ڪا ڳالهه نه آهي وريل چريو نه آهي آءُ پاڻ پيو اوڏانهن هلان.

• پهرين شادي ۽ ان مان اولاد.

مرشد جي وريل کي حقيقت جا نظارا ڏيکارڻ کان اٽڪل ٽي سال پوءِ جڏهن سندس والد صاحب سان گڏ آيا ته وريل جي ظاهري صورت ۽ ڪيفيت جو الڳ رنگ هيو، جنهن کي صرف هو يا سندس مرشد ئي سمجهي سگهيا ٿي. جنهن جي شاهدي ڏيندي پاڻ هينئن فرمايو اٿن ته.

نامرادي نسري، پئي ڳالهه پڌر،
نه نفي نه اثبات، نه هيءُ نه هوءُ پر،
ڳالهه نه ڪنهن سان ڪر، "وريل" رهه وصال ۾

مرشد وريل سائين جن کي ڏسي فرمايو ته "ابا وريل هاڻي اٽ ڪجهه زماني جا به فرض آهن اهي به ته نڀائڻا آهن. مرشد جي حڪم کي مجيندي هو اٿيا ۽ مرشد جي پيرين پيا. الله ڏنو سائين جن حجم کي گهرائي وريل سائين جن جا وار ٺهرائڻ کان پوءِ فرمايو ته "ڪير ٿو چوي ته وريل چريو آهي؟" حقيقت ۾ هو جهل مگسي ۾ هوندي به وريل کان پري ته ڪانه هئا. الله ڏنو سائين پاڻ سندن مائٽن وٽ ويا ۽ ڪين چيو ته ابا وريل منهنجو ٻچو آهي ڪيس سگ ڏيو. ڀلا جيڪي الله ڏني سائين کي مرشد ڪري ڏسندا هئا ڪيس جواب ڪيئن پئي ڏئي سگهيا؟ تنهنڪري هاڪار ڪيائون. پوءِ دير ڪانه لڳي الله ڏني سائين جن جلد ئي سندس شادي پنهنجي موجودگي ۾ ڪرائي.

وريل سائين جا والدين جيڪي سندس لاءِ پريشان هئا اڄ خوشين ۾ ڪونہ پئي ماپيا. مرشد سائين پنهنجي چادر لاهي جڏهن گهوٽ وريل تي ۽ سندس ونيءَ تي وڌي تہ ان چادرجي ڇانوَ وريل سائين جي گهرواري تي بہ رنگ لائي ڇڏيا. اڪين ڏٺي شاهدن جو چوڻ هيو تہ هوءِ پڻ گهڻو وقت وجد جي ڪيفيت ۾ رهندي هئي.

وريل سائين جن کي پهرين گهرواري مان صرف هڪ نينگر علينواز سائين ۽ بہ نياڻيون عطا ٿيون.

• بي شادي ۽ ان مان اولاد.

فقير سائين جن جا شڪارپور شهر جي پسگردائيءَ ۾ گهڻا طالب هئا.منجهائن مشهور عزيزالله پناڻ هو. فقير سائين جن شڪارپور ۾ اڪثر ڪري احمد خان پناڻ جي اوطاق تي ترسندا هئا. انهيءَ پاڙي جي هڪ مائي سدائين بيمار رهندي هئي، علاج لاءِ مائٽن وڏا وس ڪيا، نہ ڇڏيو هيائون ڪو ويج / طبيب. آخرڪار صلاح ڪيائون تہ مائي کي شاه سلطان باهو ڏانهن ڪٺي وڃجي ۽ اتان دعا پنجي. اها تياري ڪري ويٺا تہ کين خبر پيئي تہ احمد خان پناڻ جي اوطاق تي هڪ صوفي درويش ڪرامت وارو آيو آهي. اها خبر ٻڌندي ئي فقير سائين وٽ هلي آيا ۽ فقير سائين کي گهر وٺي وڃي حقيقت کان آگاهہ ڪري دعا لاءِ عرض ڪيائون.سڀ ماڻهو اچا اتي ئي هئا تہ عزيزالله پناڻ فقير سائين لاءِ وٺو کير جو پري آيو. فقير سائين کير جو وٽو ڪجھ وقت پنهنجي اڳيان رکيو ۽ پوءِ اهو

کير جو وٽو ڏيئي کين بيمار کي پيارڻ ۽ سيني ياتين کي پڻ پيئڻ جوچيائون. اهو کير جملي گهر ياتين يعني هڪ بيمار مائي ۽ سندس ڌيءُ جيڪا پوءِ فقير سائين جن جي عقد ۾ آئي ۽ سندس ٻن پٽن پيتو. هن سرڪ ميهار جو مقصد پورو ڪيو، ۽ ميهار جي مَدُ وارو معجزو ڪري ڏيکاريو. بيمار ۽ سندن خاندان وارا معتقد ٿي ويا ۽ وقت بوقت سائين جن وٽ حاضري ڀريندا رهيا، وقت گذرڻ سان فقير سائين جن سان سندن واسطا گهرا ٿيندا ويا، بيمار جي ڌيءُ جي پيتل مَدُ واري پيالي آخر ڪم ڪيو ۽ هڪ ڏينهن هو ان ڇوڪرِ کي وريل سائين جن ڏانهن وٺي آيا، ۽ عرض ڪيو تہ سرڪار اسان چاهيون ٿا تہ اسان جي نياڻي توهان جي عقد ۾ اچي. وريل سائين جن نهڪر ڪانہ ڪئي ۽ پاڻ پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ ان ڇوڪر سان ٻي شادي ڪيائون. انهيءَ شاديءَ کان پوءِ پاڻ دور دراز جو سفرڪرڻ ڇڏي ڏنائون.

فقير سائين جن کي ٻي شادي مان گهڻو اولاد ٿيو جن ۾ چار ڌيئر ۽پنج پٽ هئا. ڌيئرن جون شاديون نائچ ڳوٺ ۾ڪماريو پاڙي جي ابڙن ۾ ڪرايائون. پٽن ۾

1. حڪيم محمد نواز. 2. لطف علي فقير.
3. علي حسن فقير. 4. مظفر فقير 5. نورحسين فقيرشامل هئا.

درس و تدريس

فقير سائين جن بظاهر ڪنهن بہ مدرسي يا عالم وٽ علم و فن ڪونہ سکيو ۽ نہ ئي وري ظاهري علم حاصل ڪيائون پنهنجي وڏڙن جي روايتن مطابق ننڍپڻ کان ئي ٻڪريون چاريندا هئا. جڏهن مرشد جي مهرباني تين ۽ لنئو لڳن تہ پوءِ ڪين علم تصوّف، فهم و فضيلت، حقيقت جي پروڙ سندن مرشد جي معرفت وسيلي عطا ٿين. پاڻ هن ڳالهہ جي شاهدي ڏيندي فرمايو اٿن تہ

نڪي پڙهيم پاڻ، نہ ڪنهن پڙهئي پڙهايو،
الست بربّڪم، قالوبلیٰ، ٿيو رباني رايو،
ننگي نالو نينهن ۾، مون "وريل" سڏايو،
سدائين سعيو، اٿم سوليءَ جي سر انجام جو.

سندن وٽ ايندڙ راڳي ۽ فنڪار

جيئن تہ پاڻ راڳ ويراڳ کي تمام گهڻو پسند ڪندا هئا، سرءِ راڳ جا پڻ پارکو هئا ان سبب ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان استاد راڳي فنڪار سندن درگاهہ تي حاضري ڀريندا رهندا هئا، سندن مئخاني تي گهڻو ڪري گوين جون محفلون مچنديون رهنديون هيون. ملڪ جي مختلف حصن مان ايندڙ راڳين ۾ هينيان راڳي شامل هئا.

استاد مبارڪ علي خان پنجاب، استاد بڙي غلام علي خان پنجاب، استاد عاشق علي خان پنجاب، استاد رسول بخش خان سنڌ.

وريل سائين جن جا طالب ۽ مئخاني تي رهندڙ فقير

سيد قلندر شاهه جيلاني (نبي شاهه وڳڻ)، رهاڻ فقير ڪوسو، ڪبڙ فقير جت، پيارل فقير، ادو غلام محمد فقير سومرو ڳوٺ تانهريو، محمد حسن فقير سومرو، واحد بخش فقير سومرو، علي مدد فقير ميمڻ، غلام حيدر فقير هليوڳوٺ داٻوپوٺو، آچر فقير، وسريو ميمڻ، سعيد خان فقير جت، امان الله فقيرسانگاهه، نازل فقير سانگاهه، غلام قادر فقير ابڙو ڳوٺ نائچ، عبدالله فقير ماڇي ڳوٺ لڏو، چام فقير ڪلهوڙو، علڻ فقير ماڇي ڳوٺ نائچ، سائين چتن شاهه، مرزا فقير مارفاڻي، غوث بخش فقير مارفاڻي، مينهون فقير مارفاڻي، نظر علي فقير، پريو فقير سومرو، بخشو فقيرسومرو، ملان محمد محسن فقير ڪلهوڙو ڳوٺ لڏو ڪلهوڙو، پريو فقير وڏيو شڪارپور، تڳيو فقير مڱڻهار بنگلو ميهر شاهه جيڪب آباد، نظر علي فقير ڏيٿو. مير دهو شڪارپور، ابراهيم فقير وڳڻ (پائي خان وڳڻ)، شير خان جاگيراڻي ڳوٺ نورنگ، عزيزالله پناڻ شڪارپور، احمد خان پناڻ شڪارپور، غلام شاهه ڳوٺ ڪيراڻي ٻيڙو چانديو.

مرشديءَ جو سلسو

(قادري سروري قلندري)

1. فقيروريل سائين.
2. عن مرشد فقير الله ڏنو سائين.
3. عن مرشد فقيرسيد قلندر شاه ڪيچي ڏٺي.
4. عن مرشد فقيرميان تاج محمد سائين پٽ والا شريف مهرميان جو ڳوٺ.
5. عن مرشد پير حافظ سلطان محمد ؒ.
6. عن مرشد پير سلطان محمد حسين صاحب.
7. عن مرشد پير سلطان ولي محمد صاحب.
8. عن مرشد حضرت سلطان العارفين سلطان باهوؒ.
9. عن مرشد شيخ المشائخ فقير سلطان عبدالرحمان جيلاني دهلوي.
10. عن مرشد حضرت سيد عبدالجليل قادري.
11. عن مرشد حضرت عبدالبقا شاه جيلاني ؒ
12. عن مرشد حضرت سيد عبدالستار شاه جيلانيؒ.
13. عن مرشد حضرت عبدالفتاح شاه جيلاني ؒ.
14. عن مرشد حضرت سيد سلطان نجم الدين برهانپري.
15. عن مرشد حضرت سيد يحيٰ قادري.
16. عن مرشد حضرت سيد پير عبدالجبار شاه قادري.
17. عن مرشد حضرت سيدنا صاحبزادا پير عبدالرزاق قادري.

18. عن مرشد حضرت قطب العارفين و مرشد سالكين و مجزوبين سيد سلطان پيرانِ پير ميران محي الدين شيخ المشائخ سيد عبدالقادر جيلاني غوث صمداني محبوب سبحاني۔
19. عن مرشد حضرت شيخ ابو سعيد مبارك مخزومي رحمۃ اللہ
20. عن مرشد حضرت شيخ بو علي هنكاري رحمۃ اللہ
21. عن مرشد حضرت شيخ يوسف طرطوسي رحمۃ اللہ
22. عن مرشد حضرت شيخ عبدالواحد رحمۃ اللہ
23. عن مرشد حضرت شيخ شبلي رحمۃ اللہ
24. عن مرشد حضرت جنيد بغدادي رحمۃ اللہ
25. عن مرشد حضرت سري السقتي رحمۃ اللہ
26. عن مرشد حضرت معروف كرخي رحمۃ اللہ
27. عن مرشد حضرت امام علي رضا علیہ السلام۔
28. عن مرشد حضرت امام موسيٰ كاظم علیہ السلام
29. عن مرشد حضرت امام جعفر صادق علیہ السلام
30. عن مرشد حضرت امام محمد باقر علیہ السلام۔
31. عن مرشد حضرت امام زين العابدين علیہ السلام
32. عن مرشد حضرت امام حسين علیہ السلام۔
33. عن مرشد شير خدا، مولا پاك، مرشدِكونين، باب العلم، حضرت علي مرتضيٰ کرم اللہ وجہہ۔
34. عن مرشد حضرت مالكِ قونينِ رحمت اللعلمين، رسولِ خدا حضرت محمد مصطفي صلی اللہ علیہ وسلم۔

علينواز عاشق

(نوازل)

وريل سائين جن جي پيراندين ۾
سائين علينواز عاشق جن جي مزار شريف

علينواز سائين، فقيرسائين وريل سائينءَ جن جا پهرين گهرواري مان وڏا فرزند هئا.پاڻ 1857ع ڌاري پنهنجي اباڻي ڳوٺ ڏتل ابڙو ۾ پئدا ٿيا. ٻن سالن جي عمر جا مس ٿيا هئا تہ سندن والده هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري وئي. تنهن ڪري کين والد پاران پيءُ ۽ ماءُ جو گڏيل پيار نصيب ٿيو. گهڻو ڪري وريل سائين جن کيڏانهن ويندا هئا تہ کين پاڻ سان گڏ وٺيو ويندا هئا. والد صاحب سان گڏ سفر ڪندي پاڻ تمام گهڻو ڪجهہ پرايائون تصوف، فڪرءِ مشاهدي سان گڏو گڏ حقيقت جو علم پڻ حاصل ڪيائون. ننڍپڻ کان سفر ڪندا رهيا ان ڪري اهو مشغلو سندن زندگي جو حصو بڻجي ويو،۽ وڏا ٿي سيلاني ٿي ويا. پاڻ سفر ڪندا هڪ دفعي وڃي مرشد سائين قلندر شاهہ ڪيچي ڏٺي (بلوچستان) جن وٽ پهتا، سندن شخصيت مان تمام گهڻو متاثر ٿيا ۽اڳتي هلي پاڻ قلندر شاهہ ڪيچي ڏٺي جا طالب پڻ ٿيا. انهيءَ ڪري وريل سائين جن سندن وڏو خيال ڪندا هئا. پاڻ هڪ شعر ۾ فرمايو اٿئون تہ

وريل نالونانءُ ڏرائي، پرت وندا پڪاري ٿو
علينواز عاشق اربيلو، ويجهو ڪول ويهاري ٿو.

علينواز سائين جن کي الله تعاليٰ هڪ فرزند پڇاڙي جي عمر ۾ عطا ڪيو. جنهن جو نالو بخشل فقير رکيائون. جيڪو اڳتي هلي وريل فقير ثاني جي نالي سان مشهور ٿيو.

علينواز سائين راڳ ويراڳ کي تمام گهڻو پسند ڪندا هئا. ڪين راڳ بابت گهڻي ڄاڻ هئي، ستار پڻ وڄائيندا هئا ۽ وقت سر راڳ ڳائيندا هئا. سيلاني هوندي سفر ۾ پنهنجي شاعري ڳائيندا رهندا هئا، انکي ڪتي سهيڙي لکيائون ڪانه ان سبب سندن شاعري سهيڙجي به ڪانه سگهي. سندن شاعريءَ تي سندن والد صاحب جي شاعري جا گهرا اثر هئا. سندن هم اثر شاعرن ۾ ميان عبدالحئي اول ميان جو ڳوٺ، بيدل فقير، منٺار فقيرراڄڙ، سائين قلندر شاهه نبي شاهه وڳڻ، سائين صاحب ڏنو شاهه ٻيو درازن وارو، سائين رکيل شاهه فتح پور، سائين بگن شاهه اول انباهه وارا، سيد روشن علي شاهه جهانيا، فقير علامه هدايت علي نجفي تارڪ لالو رائنڪ، نبن فقير جيهو، فقير قادر بخش گولو، ميان غلام سرور فقير قادري، سيد صالح شاهه جيلاني راٽيپور، محمد فقير ڪتياڻ، سيد ريجهل شاهه لکياري، ۽ شير خان جتوئي.

سندن وصال 1935ع ۾ ٿيو وصال وقت طوفان ۽ مينهن ٿيو جيڪو سندن وصال کان اڳ پاڻ فرمايو هئائون ۽ پاڻ وريل سائينءَ جي وصال کان پوءِ گهڻو ڪري ڳوٺ ڏتل ابڙو ۾ پنهنجي زندگي گذاريائون. سندن آخري آرام گاهه فقير سائينءَ جن جي پيراندين ۾ چوڪنڊي آهي.

شير خان فقير جتوئي ڳوٺ پڪو ڪورواهه جي پرسان جو رهاڪو هيوءِ پاڻ سچل سائين جو طالب، هيو پرعلينواز سائين جن سان تمام گهڻو پيار هيس پاڻ علينواز سائين جي وصال کان پوءِ سندس شان ۾ هڪ ڪافي لکيائين جيڪا هيٺ پيش ڪجي ٿي.

سچ سلڪ صوفين ۾ سچو - عاشق علي نواز هو
فائق سدائين فڪر ۾ - سو فيض ور فياض هو

الفت جنهين جي عام سان - هيو ڪن فيڪوني ڪلام سان
الست واري انجام سان - جنهن جو نياز نوڙت ناز هو

صحبت سندس سهڻي سدا - محبت مٺي مٺڙي ادا
خلوت ڪندڙ خالص خدا - رب جي رضا جو راز هو

عابد اتم عامل اهو - ڪماليت سنئو ڪامل اهو
صورت سان سر شامل اهو - سهڻو صفت جو ساز هو

توڪل سان جنهين تسلي ڪئي - وصالت اندر وصلي ڪئي
ان اصل کان اصلي ڪئي - عبرت اندر آغاز هو

حقي حال جهين هڪ سان ڪيو - ليکو سارو لڪ سان ڪيو
سينو صفا سڪ سان ڪيو - دانائ دل جو دراز هو

مُوٺو مري جيئرو جيئو - وحدت ويڙهي ڪاهي ويو
سارو سفر جهين سهڻو هيو - بره بقاء جو بياض هو

منجهه بهشت جي ڪيائين بقا - لاجي ڏسي سارِي لقا
من خدايم ماڻيئين مدينه، مڪ - مرشد جو مٺائس مجاز هو

سالڪ صحيح "شير خان اهو - جنهن جو قصو تڪيان ڪيهو
نہ جوڙ سندس جڳ ۾ جيهو - اهڙو ادا اياز هو۔

علينواز سائين جن جي شاعري جيڪا مختلف فقيرن وٽان
حاصل ٿي سگهي آهي ان جون ڪجهه ڪافيون هيٺ ڏجن ٿيون۔

مان جهڙو حرامي

مان جهڙو حرامي ڪاٿي ڪون ڪو ڏسان ٿو.
خود خدائي ساري پيشاني پسان ٿو.

ابليس آهيان اصلي ، نمرود آهيان نسلي ،
توڙئون جو آهي تسلي فرعون جان فران ٿو.

شوقئون شداد آهيان، بڻي ڪي ٿو ڪين پائئيان،
پنهنجو پاڻ ڪي وڏايان ، لاڙو ڏسي لڙان ٿو.

يزيد آهيان يگانو ، بيحد ڪيم بهانو ،
جڏي نينهن ٽيو نشانو تڏي لعنتون لهان ٿو

علينواز آهيان عاشق ، بي ڪي نہ پانيان خالق ،
جيڪو مُلڪ جو آ مالڪ سجدو تنهن کي ڪيان ٿو.

ميهر مست ڪيو ڙي پينر

ميهر مست ڪيو ڙي پينر پياريو ڪير خمر جو.

درياهه دادلو ڏئي تو دڙڪا، ڪُنَ ڪُنَ تا ڦهري ڪڙڪا.
ڇولين ڇوهه ڪيو ڙي پينر، ڇڏ تون هوش هنر جو،

سرڪي ڏنائونِ سير گهرڻ جي، طالب اهائي تار ترڻ جي.
پهچڻ پار پيو ڙي پينر، ناهي خوف خضر جو،

سائر ساهڙ جا ساهه وڃن، ڪڙڪا خوشيون خيال ڪٽن،
چرين چاهه چيو ڙي پينر، ڇڏ تون ساءُ سمهڻ جو،

نوازل نسنگ نينهن وارن ڪي، پرتئون ڏين تا پنهنجي پيارن ڪي.
لاخوفٌ لوءِ ڙي پينر، معنيٰ مخفي ميم مورت جو.

آمدد ڪر مرتضيٰ

آ مدد ڪر مرتضيٰ شاهي نجف شيرِ خدا.
هيٺيءَ سندي هن حال جي، تون مج سخي سائل سدا.

پردو پوش پناهه ڏي، سڪ منجهان سهٽا سڏي.
امن پنهنجي سان اڏي، معافي ڪندي ميرا مندا.

توکي ساريان ساهه سان، رهبري ان راهه سان.
اسم ذات الله سان، تون لڄ پريا لائقن لڏا.

شاهه مردان شاهه تون هيٺن سندو همراهه تون.
بي وسيلن واهه تون، جسمئون ناهين هڪ دم جدا.

تون دادلو درگاهه جو، اسد الله الله جو.
تون رهبر رسول الله جو. تون ميم مظهر ۾ مدا.

تنهنجي "نوازل" نينهن ڪيو، ظاهر باطن ذوق ڏيو.
دست دامن ۾ پيو، تو در آهي گولو گدا.

مونکي مست کري ويا

مونکي مست کري ويا وطن وري،
جالڻ هن تہ جدائي ۾ ڳالھ ڳري

ڏاري کري ويا ڏار اديون، ڏسي ساڻ نہ نيائون ٻار ٻڌيون،
ڇڏي لوڪ جا لارا سي لهنديون، پونديِ پنهل پٺيان ڪا ڇست ڇري

آيا سورن جا ڪي ساٿ پري، هت هيٺي ڇڏي ويا هوت ڪري،
نشي نينهن ڪيو تنهنجي ذوق ذري، پياريو پرت منجهارئون ڪا ڪيف ڪري

وڃي واٽ ونڊر ووڙيندس، پلا ڇست اندر ۾ چوريندس،
اها ڳالھ ڳجهي ڪا ڳولهيندس، من هوت ڇوَنِ آهي همت پري

الف اڳ ۾ ڪري ٻڌ سندرو ساهي، مولا مِيمُ مدارت محب آهي،
نوازل نينهن اڳيئون هي ڇپر ڇاهي، عين اڏ ڪيا پيا ڏونگر ڏري

ڪليو بسنت بهار

ڪليو بسنت بهار، مليو محب لٽو مونجهارو.

ٻول تنهنجي ۾ ٻير ٻڏل هئا، لعل ليسوڙا ليار.
شوق منجهارون ڪن چٽڪارو،

ڪجيون خدمت لاءِ ڪڙيون، انب ادب سان ڪن انتظار.
سڪ ۾ بيٺا سارو سيارو،

ڪيوڙا ڳنئڙ قرب تنهنجي ۾ عاشق چون انار
پرتئون آيو اسانجو پيارو.

قاروا تنهنجي فهمَ ۾ ڦولڻ، طلب ٿوئڻ ڪي آتارون تار.
ڏورئون جن ڏنو ڏيکارو.

ٻڏا صُوفڻ سڪ جا سندرا، مَڪائِي آهن موچارَ.
اصل انهن جو قرب ڪرارو.

مَٽرَ مُشتاق ڪيئي مانوا، سَرهان سَرسُ ٻَسِي سينگار،
عليٖنواز ڪيُئي اوتارو

بخشيل فقير عرف وريل فقير ثاني

روضي جي اندر وريل فقير ثاني جي مزار شريف

بخشيل فقير عرف وريل فقير ثاني، وريل سائين اول جا پوٽا ۽ سندن نينگر علينواز سائين جن جا فرزند هئا.پاڻ 1922ع ۾ سندن اباڻي ڳوٺ ڏتل ابڙو ۾ پيدا ٿيا. علينواز سائين جن کي ٻن نياڻين کان پوءِ عمر جي پڇاڙي واري حصي ۾ فرزند عطا ٿيو سندن ڇٺي جونالو بخشيل فقير رکيائون ۽ پوءِ اڳتي هلي وريل فقير ثاني جي نالي سان مشهور ٿيا. سڪيلڌو پٽ هجڻ ڪري ڪين والد صاحب ۽ فقيرن مان تمام گهڻو پيار مليو ان ڪري ننڍپڻ کان ئي فقيرن جي محفلن ۾ ويهڻ ۽ والد صاحب سان گڏ مختلف درگاهن تي وڃڻ جا تمام گهڻا موقعا مليں. ننڍپڻ کان ئي سڀاجها، پيار ڪندڙ، محبتون ونڊيندڙ هئا. ويتر والد صاحب جي سڪيا سندن شخصيت کي هڪ اعليٰ رنگ ڏنو. پاڻ 13 سالن جا ئي هئا ته سندن والد صاحب جن جو وصال ٿيو. پر هن ننڍڙي عمر ۾ ئي زماني جي چال چلت کي سمجهي چڪا هئا ۽ ڪين فقير جي محبت گهڻو ڪجهه سيکاري ڇڏيو هيو، ان ڪري تمام خوش رهندا هئا.

والد صاحب جي وصال کان پوءِ ڪجهه عرصو پنهنجي چاچن وٽ ڳوٺ نائچ ۾ رهيا جيڪو لاڙڪاڻو کان رشيد وڳڻ روڊ تي واقع آهي. ۽ پوءِ واپس اچي ڳوٺ ڏتل ابڙو ۾ درگاهه تي رهڻ لڳا سندن زندگي جو باقي حصو اتي ئي گذريو.

پاڻ پهرين شادي ڳوٺ مان ان ڇوڪري سان ڪيائون جنهن سان سندن والد صاحب مڱڻو ڪرايو هيو. جنهن مان ڪين ٻه نينگر عطا ٿيا. فقير علينواز عرف حاڪم علي ۽ فقير بخت حسين. ٻي

شادي وريل سائين جي ڏوهٽي ۽ پنهنجي ڀڻاٽ سان ڪيائون جنهن مان ٻه پٽ فقير گدا حسين، امير علي ۽ ڇهه ڌيئر ڄايون.

پاڻ هڪ گهڻ رخي شخصيت جا مالڪ هئا. سندن زندگي ڪي ڪيترن ئي رخن کان ڏسي سگهجي ٿو جنهن مان هڪ رخ مجاز جو اعليٰ ۽ نه سمجهي سگهجندڙ انداز ۽ حسن پرستي هيو. مجاز واري محبت جي مامري ۾ سندن لاءِ ميلن جو پنڌ به ڪا معنيٰ ڪو نه رکندو هيو پري پري تائين گهوڙي تي سفر ڪندي پهچندا هئا. ڪڏهن ويا ۽ وري ڪڏهن موٽيا ڪا خبر ئي ڪانه پوندي هئي. سندن تي روحاني رهبر وريل سائين جن جي شاعري جو اثر واضح نظر ايندو هيو. مثال طور وريل سائين جن هڪ جڳهه تي فرمايو آهي ته.

ڏهاڪا ڏهه ڪدين، يا وظيفا ڪدين ويهه،
توڙي چاليها ڪدين چاليهه، "وريل" مٽ نه تي مجاز جي.

يا وري ٻي جڳهه تي فرمايو اٿن ته.

دين سچا هئي ديد دلبر دي، مک محراب پيشاني،
ديد ڪنون جهڙي دور گذارن، او حيضي تخم حرامي،
عاشق اڪبر حج گذارن، جان ڪرن قرباني،
"وريل" حسن حق پاڪ ڪر ڄاڻي، جو هر چيزدي وچ لاثاني.

حسن پرستي ۽ مجاز جي حوالي سان ڪنهن پڇين ته سائين دل جي چانو ۾ ته هڪ ويهندو آهي ۽ وڻ جي ڇانو ۾ گهڻا ته پوءِ توهان جي حسن پرستي سمجهه ۾ نٿي اچي؟ سندن جواب ڪين لاجواب ڪري ڇڏيو ته پوءِ دل کي وڻ ڇو نه ڪري ڇڏجي ته جيئن ان هيٺان گهڻا ويهي سگهن.

سندن شخصيت جو هڪ ٻيو اهم رخ سيلاني هجڻ هيو، سنڌ توڙي پاڪستان جي مڙني درگاهن تي ويا، اڪثر ڪري فقيرن جو سنگ ڪري ڪونہ نڪرندا هئا،پرڪنهن نہ هڪ دوست يا فقير سان گڏ سفر ڪندا هئا. پيار، محبت ڏيڻ ۽ وٺڻ جا ايترا تہ قابل هئا جو توڙي ئي ڪچهري ڪرڻ کان پوءِ ماڻهو سندن قائل تي پوندا هئا.

جيتوڻيڪ ميلن ۾ پاڻ سان گهڻا فقير ساڻ ڪري ڪونہ وٺي ويندا هئا، پر پوءِ بہ درگاهن ۽ ميلن تي سندن محفل متل هوندي هئي. پاڻ بيباڪ هئا، سڌي ۽ ڪري ڳالهہ ڪرڻ پسند ڪندا هئا. ڳالهائڻ ۾ اڪثر ڪري سنڌي پهاڪن جو استعمال ڪندا ۽ ڪتي وري فقير جو شعر پڻ مطلب ۽ مقصد مطابق استعمال ڪندا هئا. ان ڪري سندن گفتگو معنيٰ خيز ۽ بااثر هوندي هئي. پنهنجي دوستن احبابن، يا وري درگاهہ جي عقيدتمندن کي هڪ نظر سان ڏسندا هئا. سندن ڪچهري ۾ ويهي ڪري مرشد، طالب، مطلوب، عقيدتمند، ننڍي وڏي، جو فرق محسوس ڪرڻ جو احساس ئي نہ رهندو هيو. سندن ڪچهري مان زماني توڙي فقر جي مختلف مسئلن جا حل پنهنجو پاڻ نڪري ايندا هئا. ماڻهو ڪين پنهنجا مسئلا ٻڌائيندا هئا ۽ هو انهن کي غور سان ٻڌندا هئا ، ڪچهري ڪچهري ۾ انهن جي مسئلن جواهڙو تہ حل نڪري ايندو هيو جوانسان کي هڪ اعلي ذهني سڪون ملي ويندو هيو. اگرسندن زندگي جي هن رخ تي نئين دورمطابق علمي ۽ عقلي نظر وجهبي تہ پاڻ هڪ وڏا Psychotherapist نظر ايندا.

راڳ ويراڳ کي پسند ڪرڻ ، صوفياڻي محفلن ۾ رات دير تائين ويهڻ، پيار ونڊڻ ۽ ونڻ جو هڪ اهم ذريعو هين. ويراڳ ۾ ويهڻ کان پوءِ محفل تي ڇانئجي ويندا هئا. گهڻو ڪري مجاز جي اعليٰ شاعري پسند ڪندا هئا اگر ڪا ڪافي يا غزل پاڻ کي پسند اچي وَيُن ته وڏي پيار ۽ شوق سان راڳي کي داد ڏيندي جهونگاريندا پڻ هئا.

سندن شخصيت جو هڪ بهترين رخ اهو پڻ هيو ته اڪثر ڪري تمام گهڻو نياز ۽ پيار سان گذاريندا هئا پر اگر ڪتي ڪا ڳالهه سچ ۽ حقيقت جي ابتڙ تي ته تمام گهڻا جلالي تي ويندا هئا ۽ پوءِ بيباڪي سان ڳالهائيندي ڪاوڙ ڪندا هئا. پر اها ڪاوڙ تمام ٿورڙي عرصي لاءِ هوندي هين. پوءِ وري اينئن لڳندو هيو ڄڻڪ ڪجهه ٿيو ئي ڪونه هيو. ان ڪري گهڻو ڪري پاڻ لطيف سرڪار جو هي شعر چوندا هئا ته.

ڪڏهن من ماڪوڙي ڪڏهن ڪيهر شينهن
سرتيون سارو ڏينهن هينئن نا هنڌ هڪڙي.

يا وري وريل سائين جو هي شعر دهرائيندا هئا ته.

وريل نهين ڪانيارا ڳنهندا دستئون دست دلير هو يار.

سيلاني هجڻ ڪري ۽ سندن مختلف درگاهن تي وڃڻ ڪري سندن درگاه ڪنڊ ڪڙيچ ۾ مشهور ٿي ۽ سنڌ جي مڙني درگاهن کان فقير سندن درگاهه ۽ ميلي تي اچڻ لڳا.

سندن شخصيت جو هڪ اهم رخ فقيرن جي سامهون نياز ۽ نوڙت ۽ پاڻ کي ڪجهه به نه سمجهڻ، ۽ وري زماني جي ماڻهن سان هڪ اعليٰ شخصيت ۽ حيثيت جي انداز ۾ پيش اچڻ هيو. فقيرن جي ته هر ڳالهه جو فڪر ڪندا هئا رلهي، ڪپڙن، چانهه، سلفي کان وٺي ويندي سندن ذاتي مسئلن ۽ انهن جي حل تائين، ايتري قدر جو سندن ميلي تي نئين پانڌيڙي لاءِ اهو سمجهڻ مشڪل هوندو هيو ته درگاهه جو سجاده نشين ڪيرُ آهي، پاڻ ته چولي جي ڪُنڊِن سان چانهه ۽ ڪنڊ پڻ ٻڏي فقيرن ۾ ورهائيندي فقير جي آڏوپيار ۽ محبت جو اعليٰ ثبوت پيش ڪندا هئا.

پر مجال آهي جو ڪنهن وڏيري يا ڪاموري سان محبت بنا هيناهين يا نوڙت ڪئي هجائون.

دنيا جي عجيب رنگ ۽ مالڪ جي حسن کي محسوس ڪندي مختلف واقعن، جڳهن، يا ڪيفيتن ۾ گهڻو ڪري ٽڏو ساهه ڪڍندي هڪڙو فقرو ورجائيندا هئا ته "واهه جو تون آن". پاڻ دستر خوان جا ڪشادا هئا. مئخاني تي ويٺي ويٺي اڪثر ڪري تاس راند پڻ ڪندا هئا. پر ان راند کيڏڻ جو انداز به مختلف هين بغير ضد ۽ بحث جي صرف خوشيون ورهائڻ خاطرئي راند کيڏندا هئا. گفتگو ۽ ماڻهن سان پيار ونڊڻ جو هڪ نرالوفن اهو پڻ هين ته ماڻهن سان انهن جي فطرت مطابق ڪچهري ڪندا هئا ڪڪڙن جي شوقين سان ڪڪڙن جون ڳالهيون ته وري گهوڙن جي شوقين سان ڳالهائيندي اهو محسوس ٿيندو هيو ته پاڻ وڏا شوقين رهيا آهن، مقصد ته انسان کي خوش رکڻ جو سندن وٽ بهترين انداز هيو.

سندن وصال ١٨ محرم ١٤١٩ھ بمطابق 15 مئي 1998ع تي سندن آبائي ڳوٺ ۾ ٿيو. سندن تربت وريل سائين جي درگاهہ اندر اولهہ طرف آهي. وصال کان پوءِ سندن رکيل ڪجھ ڪتابن مان صرف هڪ ڪافي ملي جيڪا هيٺ پيش ڪجي ٿي.

نينهن جي نوازش

ڏس نينهن جي نوازش سوليءَ جو سڏ ڏئي ٿو.
اها عشق جي عنايت ڇڪيا تي چڙهہ چوي ٿو.

آهي برهہ جو بيانا مُهويَتَ مجازمعنيٰ
جن تي ڏري ڏيانا مُوٺُو مري جيئي ٿو.

حامي حسن حمايت شافي شفا شفاعت
ڪافي قرب ڪماليت لمحاد ۾ ليئي ٿو.

سرت سوز ساري آهي پرت جي پچاري
اها ڪفني قرب واري سورن ساڻ سيئي ٿو.

سؤ وار سر صنم تؤن ديدار دم بہ دم تؤن
قربان هن قدم تؤن ثاني وريل ٿئي ٿو.

درگاهہ جو موجوده منظر نامو.

وريل فقير ثاني جي وصال کان پوءِ تاريخ 24 جون 1998 تي سندن چاليهي جي موقعي تي وڏي فرزند ۽ سندن طالب فقير علي نواز ثاني عرف حاڪم علي جن کي درگاهہ جي ٽِئين سجاده نشين جي پڳ ٻڌرائي وئي. هن ڪتاب جي ڇپائي وقت سندن عمر سٺ ورهہ تي رهي آهي. پڳ ٻڌڻ واري تقريب جي موقعي تي فقير حاڪم علي سائين جن پنهنجي مرشد ۽ والد صاحب جن جو حڪم ورجائيندي اهو فرمايو هيو تہ سندن ٽيون نمبر ڀاءُ فقير گدا حسين سائين فقير فقراءَ ۽ مختلف درگاهن سان وڏيڪ لاڳاپيل رهندو ميلن ۽ صوفياڻي محفلن ۾ وڃڻ کان علاوه درگاهہ سان وابستہ فقيرن جي سار سنڀال پڻ لهندو. جڏهن تہ فقيرحاڪم علي سائين درگاهہ جي سار سنڀال ۽ تمام ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندا رهندا.

حقيقت ۾ اگر اسين مشاهدو ڪندا سين تہ اهو ظاهر ٿيندو تہ درويش فقير اهڙا فيصلا پاڻ ئي ڪري ڇڏيندا آهن تہ سندن ٻاريل لاٽ ڪي اڳتي ڪير ڪيئن کڻي هلي سگهي ٿو. ۽ سندن فڪر جي تسلسل لاءِ سندن خاندان مان يا وري ٻاهران ڪير آهي جيڪو بهتر ڪرادار ادا ڪري سگهي ٿو. اگر اسين وريل سائين جن کي ڏسندا سين تہ پاڻ اڳ ئي هڪ شعر ۾ فرمائي ڇڏيو اٿائون تہ.

واسينگن جي ويڙهه ۾، ڪپر سپ ڪپن،
پونگيون تن پيئڻ جون، ورهين ڪاڻ وڃن،
اوتارا اصيلن جا، مَر جان جام جڙن،
”وريل“ ويراڳين جا، دونهان روز دکن،
پلي جان ڍول ڍلن، اڳڻ آديسين جي.

اسين هن شعر جي مناسبت سان سائين وريل فقير ثاني جن جي وصيعت ۽ درگاهه تي موجوده خدمتگارن کي ڏسنداسين ته اهو واضح ٿي ويندو ته اهو ازلي فيصلو آهي ته اوتارا اصيلن جا ڪهڙي طرح قائم رهي سگهن ٿا. اهڙي طرح اگر اسين درگاهه جي موجوده سجاده نشين فقير حاڪم علي سائين جن جي شخصيت ۽ اهم خدمتگار سائين گدا حسين جن جي شخصيت تي نظر وجهندا سين ته تصوير ڪجهه هن طرح نظر ايندي.

فقير علي نواز

عرف

حاڪم علي

پاڻ تاريخ 15-09-1948 تي پنهنجي اباڻي ڳوٺ ڏتل ابڙو ۾ پيدا ٿيا، ان وقت جي معاشي حالات مطابق سندن گهر ٻه ڳوٺ جي غريب گهرن مان هڪ هيو. پاڻ ننڍپڻ کان ئي تمام گهڻا محنتي ۽ جفاڪش رهيا آهن، ان جو اهم سبب شايد سندن والد صاحب جو اڪثر گهر کان ٻاهر رهڻ ۽ وري هڪ سلڇڻي ۽ ذميوار پٽ جو ڪردار ادا ڪندي ننڍپڻ ۾ ئي پنهنجو گهر سنڀالڻ هيو. هارپو ڪرڻ هجي يا وري مزدوري ، دڪان هلائڻ هجي يا وري سرون وجهڻ، مطلب تہ محنت ڪرڻ سندن شخصيت لاءِ هڪ اهم جز رهيو آهي. پاڻ روڊس کاتي ۾ سرڪاري نوڪري ڪندا رهيا آهن. سندن شخصيت باوقار، دلير ۽ بيباڪ رهي آهي. ڪين درگاهہ سان ازلي عشق آهي، جواني کان وٺي مختلف وقتن تي درگاهہ جي تعمير جو ڪم ڪرائيندا رهيا آهن. درگاهہ تي ڪيل سندن محنتون تہ ساراهہ جوڳيون ضرور آهن پر حال ۾ ڪيل درگاهہ جو تعميراتي ڪم سندن ظاهري حالات کي ڏسندي سمجهائڻ مشڪل آهي. عام طرح درگاهن جي تعمير يا تہ سرڪاري خرچ تي ٿيندي آهي يا وري درگاهہ سان وابستہ فقير گڏجي ڪري تعمير ڪرائيندا آهن. پر پاڻ وٽ درگاهہ تي ڪيل تعميري ڪم بابت صرف اها راءِ اٿن تہ مالڪ پنهنجي خزاني مان پاڻ ڏيندو آهي. جنهن ڳالهہ کي صرف تصوف سان روحاني محبت ڪندڙ ئي سمجهي سگهن ٿا. سندن نظر ثاني ۾ درگاهہ جي تعمير جو ڪم 21.09.2005 تي شروع ٿيو ۽ تمام ٿوري عرصي ۾ تاريخ

21.10.2007 تي ختم ٿيو. سندن ئي ڪاوشن سان اڄ توهان جي هٿن ۾ وريل سائين جن جو هي ڪتاب موجود آهي.

ڪين الله تعاليٰ ڇهه پٽ عطا ڪيا آهن، جواني جي وقت ۾ ڪين شاعريءَ جو شوق هيو سندن ڪجهه ڪافيون هيٺ ڏجن ٿيون.

هڪڙو دفعو ته نهار مٺا

موٽڻي هڪڙو دفعو ته نهار مٺا
اهڙو ناز ڪري ته نه مار مٺا

پيار جي خاطر پيارا پرين
مونکي ايڏو نه تون آزار مٺا.

پيار ڪرڻ پرين ڏوهه ته ناهي
منهنجي پيار جو تون سينگار مٺا.

اچي" نوازل " سان ڪر پيار پرين
ڪا پيار ڀري گفتار مٺا.

قربئون قدم

محبوب ڪنيون هو قربئون قدم
جيڪو ياد اٿم نہ وسري ويو.
ڪيئن ختم ٿيو رنج علم.

جڏهن پيارو قرب ڪري آيو مون وٽ پير پري
۽ ڪٽيائن دل جو وهم

جنهن ڏينهن اڱڻ منهنجي يار آيو،
اهو ڏينهن سڄڻ مون بخت ڀانئيون.
ڪين ڪيائين قرب ڪو ڪم،

"نوازل" جو اهڙو حال ڏسي
پاڻ ڪيائين ڀال اچي ۽ پاڙيائين پنهنجو وچن.

عشق اسان جو آهي امام.

عشق اسان جو آهي امام جنهن کي سجدو آهي سلام.

عشق اچي ميدان ملهايو ڪاٿي ڪنڌڙويار ڪپايو.
ڪاٿي نوڙت نيازوڏايو ڪاٿي لاغرضي جو مقام.

ڪاٿي رانجهن چاق سڏايو. ڪاٿي سرمد صاف ٿي آيو.
ڪاٿي صوفي سچ سوايو ڪاٿي طالب طلب تمام.

ڪاٿي "نوازل" نام سڏايو ڪاٿي ناچو يار نچايو.
ڪاٿي مورت مندر آيو ڪاٿي ڪنهن سان ڪونہ ڪلام

گهنڊ کول نقاب اٺائو

مولا ڏنتڙا حسن تسانو ديد نال ديدان رلائو
گهنڊ کول نقاب اٺائو

ديدار تيڏي کيتي آيا نينهن تيڏي مينکون نچايا.
کجهہ تان قرب کمائو

قربان تيڏي اتون ٿينوان جو دم اس جڳ وچ جيوان
مئينکون اصل وصال کرائو

مئين تان آيس تيڏي ياٽي محبوب ناکرايوين ماٽي.
کجهہ نال" نواز"الائو

اکيون عجب نراليون.

اکيون عجب نراليون، گهائڻ جي لاءِ گهوٽن چوڏس چلن تيون چاليون.

اکين ڇڏيا اجهائي   ڪيئي نازورنوائي
گهورن سان ڪن کي گهائي ڪن جي اندر اڇالون

اکين جي هڪ اشاري ڪيئي نامور ڏتاري
بازار ۾ بيهاري هٽي ڇڏين دناليون

"نوازل" اکين جا عاشق صوفي صفا صادق
جيڪي موت کان لاتعلق اتي دم دم هٽڻ ڏمالون

محب آهيو اوهان مور.

محب آهيو اوهان مور ديد ملائڻ ڪاڻ عاشق اڙائڻ ڪاڻ

قرب اوهان جي قابو ڪيڙو هينئڙومنهنجي وس ڪان ويڙو
دلڙي اڙائڻ ڪاڻ ڦيري ته ڦاسائڻ ڪاڻ

مجني جهڙا مير مڇي ويا رمزانهيءَ ۾ رند رچي ويا
ورهه وسائڻ ڪاڻ نينهنن نچائڻ ڪاڻ

اصلي اوهان جو ڪم ڪهڻ آ رمزاهائي ريت رسڻ آ
ڪوني ڪهڻ ڪاڻ وري ته وڍائڻ ڪاڻ

ڪيئي "نوازل" سٽي ڇڏيوساجهرڪيئي تنهنجي حب ۾ حاضر
پاڻ پسائڻ ڪاڻ برهه بچائڻ ڪاڻ

حسن جي حملي

تنهنجي حسن جي حملي کيا هن خان کپائي کيئي ختم

تنهنجي حسن جو اعليٰ شان چوان تنهنجي چال چلڻ سبحان
چوان

تنهنجو مرڪي ملڻ احسان چوان تنهنجو مٽ نہ يانيان کو
ثاني صنم

ڪيئي موهي اچي منهندارکيئي کيئي سسيون ڏڙ کان
ڏارکيئي

ڪيئي ڪامل ڪلنگيدارکيئي کيئي ويڙهي ڇڏيا هن
تنهنجي وهم

تنهنجي ناز"نواز" نوايا هن تنهنجي پيارجا پياسي آيا هن
تنهنجي ديد کيئي دٻايا هن کين کيئي سائين کنهن تي
رحم.

فقير بخت حسين

پاڻ وريل فقير ثاني جن جا ٻيو نمبر فرزند آهن ۽ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ڏتل ابڙو ۾ 26.02.1954 تي پئدا ٿيا. پاڻ هڪ مختلف شخصيت جا مالڪ آهن، ڪين ننڍي ڪان مينهون پالڻ جوشوق رهيو آهي. راڳ ويراڳ ٻڌڻ پسند ڪندا آهن، جواني ۾ مختلف درگاهن تي ميلن ۾ راڳ ويراڳ ٻڌڻ لاءِ ويندا هئا. پر هاڻي گهڻو وقت سنڌن ننڍپڻ جي شوق مينهون پالڻ سان گذري ٿو. رب پاڪ ڪين ٽي فرزند ۽ هڪ نياڻي عطا ڪئي آهي.

فقیر گدا حسین

فقير کي محبت ڏيڻ ڪا سولي ڳالهه نہ آهي، هر ماڻهو سان پيار سان پيش اچڻ پڻ آسان نہ آهي، ڏينهن هجي يا رات يا وري موسم جي پرواهہ ئي نہ ڪندي ميلن ۾ محبتن ڏي نڪري پوڻ بہ تہ ڏکيو آ. ها وري فقير يا فقير سان محبت رکندڙ سڀ ماڻهو سڃاڻندا هجن ۽ پيار ڪندا هجن اها پڻ عام ڳالهہ نہ آهي. پر فقير گدا حسين جي شخصيت تي نظر وجهنداسين تہ مٿيون سڀ ڳالهيون سندس لاءِ منسوب ڪرڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ لڳندو.

اهو سڀ ڪجهہ سکيو اٿئون تہ بہ سائين مرشد جو ڪرم سمجهبو ۽ اگر فقير جي ذات اٿن تہ بہ سندس لاءِ مرشد طرفان اها بهترين مٽيا آهي.

پاڻ وريل فقير ثاني جا ٽيون نمبر فرزند آهن، ۽ سال 26-06-1968 تي پنهنجي اباڻي ڳوٺ ڏتل ابڙو ۾ پيدا ٿيا. اٽڪل ويهہ سالن جي عمر ۾ پنهنجي والد صاحب جا طالب ٿيا. اصل ۾ تہ ننڍي ڪان ئي فقير جي خدمت سندن زندگي جو اهم حصو رهي، پر ويتر طالب ٿيڻ کان پوءِ فقير جي محبت سندن زندگيءَ جو دستور بڻجي ويو. پاڻ درگاهہ جي حوالي سان صوفين جي مڙني درگاهن تي ويندا رهندا آهن. ۽ فقير جي خدمت ڪرڻ ۾ پاڻ تہ مزو ضرور وٺندا آهن. پر ايتري تہ اڻ مئي محبت ڏيندا آهن جو ڪجهہ وقت لاءِ ماڻهو سندن ڪان پري

تيڻ ۾ ڏاڍي تڪليف محسوس ڪندو آهي. ائين لڳندو آهي ته ڪين ماڻهن کي قرب ۾قابو ڪرڻ جو گڻ سندن مرشد ۽ والد صاحب پڪو دستاويز ڪري ڏئي ويا اٿن.

پاڻ راڳ ويراڳ کي تمام گهڻو پسند ڪندا آهن، محفلن ۾ پوري پوري رات ويهڻ سندن لاءِ بلڪل آسان آهي. ويراڳ ٻڌندي ڪڏهن ڪڏهن پيار سان ويراڳي سان گڏ ڳائيندا به آهن. سندن شخصيت کي سمجهڻ ايڏو آسان نه آهي ان ڪري گهڻن کي پلايو چڙين. رب پاڪ ڪين وڏي حياتي عطا ڪري ڇاڪاڻ ته سندن موجودگي درگاهه لاءِ تمام گهڻي اهميت رکي ٿي.

درگاهه جا ويراڳي فنڪار

پهرين دور ۾ درگاهه سان وابسته ويراڳين ۾ فقير محمد ايوب، فقير نورحسين (وريل سائين اول جا فرزند) ۽ شاهن فقير جي جوڙي هڪ اهم جوڙي هئي. ۽ هن وقت درگاهه سان وابسته فقيرن ۾ فقير محمد ايوب ۽ شاهن فقير ۽ ڍولڪ نواز فقير لال بخش چنو موجود آهن.

وريل سائينءَ جن جي شاعري ۽ ان جا موضوع.

سندن شاعري جو مڪمل محور عشق حقيقي ئي آهي جنهن کي ظاهري طرح مختلف داستانن ۽ واقعن جي روشني ۾ پڻ ظاهر ڪيو اٿائون. حسن، عشق، عقل، مجاز، ڪانگل جا موضوع وڏيڪ ظاهر آهن. وريل سائين جن لافاني، عشق حقيقي ۽ تصوف جا اعليٰ شاعر هئا جن جي ٻولي کي عقلي دليلن ۽ ظاهري موضوعن سان ورهائي نہ ڪونہ ٿو سگهجي، پر پوءِ بہ سمجهڻ خاطر سندن شاعري کي هيٺين ريت موضوع جي مناسبت سان ترتيب ڏنو ويو آهي.

1. پنجتن.
2. نصيحت.
3. عشق عقل
4. عشق برهہ.
5. اناالحق هم اوست.
6. صوفي وصالي.
7. اڪڙيون حسن.
8. وصال، ڪانگل.
9. جوڳي.
10. سسئي.
11. مومل راڻو.
12. سهڻي ميهار.
13. عمر مارئي
14. نوري ڄام.

شاعري

پنجتن

منهن جي حسنؑ حسينؑ حمايت

مکي محب مون ڏي آ هيءَ آيت،
منهن جي حسنؑ حسينؑ حمايت.

اسدالله الغالب مولا،
والي کل ولايت.

پنجتن پاڪ پاڪيزه آهن،
صاحب شان شرافت.

انَا احمد بلا ميم،
هاديءَ جي حقايت.

"وريل" ڏنو آ حق جو هوڪو،
آهن هادي حق هدايت

ملڪ عليؑ پنجتن جو

ملڪ عليؑ پنجتن جو،
وار نہ ويسو ڪنھن ٻئي جو.

يونگيون تن ياڙن جون،
اڇي ٻوڙائي ڏاھيندو.

چڙھندي فوج فقير جي،
پيٽن ڪي پيليندو.

توڙي ھجي انگريز طولاني ،
خوب ڪلا ڪائيندو.

”وريل“ ھنيو آ نينھن جو نعرو،
سڪ وازن ڪي سنڀاليندو.

حب حسنين

جنهن کي حب حسنين جي، آ پرينءَ سندي پار جي
جنهن کي تار لڳي آ يار جي، سا ڪيئن ڪندي گهر ٻار جي.

پرين ڏولڻ وڃ نہ پري
ساعت تو ٻن ڪين سري
خبر لهج ذري ذري
برھ جي بيمار جي

ساھ سيد پيو توکي ساري
ويهج تون ڪين وساري
گولي گوندر منجھ گذاري
وٺ نہ وجهجو واري جي.

”وريل وٺ تون آءَ هلي
سُرهي تيندي سيد ڳلي
ايندو سهٽل ڪندو يلي
غافل گنهگار جي.

نصيحت

ڪوڙ جا ڪلما پڙهن

ڪوڙ جا ڪلما پڙهن،
ياڙ جا يونگا وٺن.

عُذرُ ڪيون عيد جو،
پيٽو ڏس پجندا وتن.

پاڪر پايون پيٽ ڪي،
کهيل ڏس خراب تين.

مُنا مسجدن ۾،
لعنتي لاڦان هٽن.

جيڪي ڪيا پنهنجا پيرِ مغان،
سڪ جو سبق سورهيه پڙهن.

”وريل“ آهن صوفي سچا،
قلب ۾ ڪُنا وتن.

ساجهر يار سنباهي سي

چڙهي گڏهِ تي ٿي هسوار،
ساجهر يار سنباهي سي.

ڇَڪا هٽي چئوتل کي ڇُهبڪ،
ڏين منجهه ڊوڙائي سي.

ٽپڙ بڌي ٿاهَرِ کي ٿوڙها،
تنگ ڇڪي تکي ڪاهي سي.

ڪلي سان بڌي قابو،
ٺوڪي پار نهائي سي.

لڪين ييرا لُچيءَ کي لوڏي،
ماران ڏئي ته مارائي سي.

”وريل“ پير مغان جي پرتئون،
صفت ثنا حق ڳائي سي.

آءُ سچا طالب هليو.

آءُ سچا طالب هليو،
مَرُ تان سيئي چگو چون.

دير دانهَ چو ڪرين، ويجهو وصل ڪان چو ورين،
سرڪولِ قدمن جي ڌرين، اهي ٿاهه ڪوڙا نا ٿهن.

آءُ سچا طالب سچارا، نياز نِوڙت ۾ نيارا،
هڻ نينهن جا نوبت نغارا، دشمن تنهنجا ڦاهي چڙهن.

مئخاني ۾ مست ٿيو، پُر پاڪ پيالا ڪي پيئو،
جوڳي سدائين پيا جيئو، پونڪن ڏسي مر پيا ٻهن.

صوفي "وريل" سردار هن، بيرنگ بحر بردار هن،
قادري پڳدار هن، رانول رضا منجهه ٿا رهن.

سر وحدت ۾ غرق

سر وحدت ۾ جي غرق ڪرين،
تسبيحون تال منجهائي ترڪ ڪرين.

ڏاڙهي مٿڙو منائين ٿو،
اهي لقب اجايا لائين ٿو،
نت ڪُوڙ ڪروڌ ڪمائين ٿو،
آهين نورُ ادا متان فرق ڪرين.

”وريل“ سڏائين ته ٿيءُ ائين،
مرد ٿيو منصور جيئين،
پيالو آبِ حيات پيئين،
درس انهيءَ ۾ درڪ ڪرين.

شرم وڃائي ٿيا شهزور

لپڙ لانگوٽيا لچ لغور،
مرد ڪوٺائين مانجهي مور.

پيءُ پرائي ڪري مزوري، نيرن ڪاڻ ليي نہ موري،
ماٺهن ڪي گهر ۾ ساڳ جي سُوري، هو ٽا ڪائن حلوا پُوري،
ڏس زماني جا زور.

پيءُ پرائو ڍوئي گارو، آٺي ڪائي روز اُڌارو،
پٽ ڪي پٽ جو ٻچيءِ ڳارو، پٽڪو ڦڪو ڳاڙهو ڪارو،
نيئي اميرن سان ڪن اور.

پائن مٽي ۾ ڪوبلا ڪُلو، رُليا رئيس سان هٽن ڪلهو،
گهر نہ ليي ڪو سڄو چلهو، پينهين پرائو ماٺهن مُلهو
مُنا منهن ڪارا مفت خور.

پٽ مٽي سان ٻڌي ساڙهي، پيءُ جي پٽن قرضي ڏاڙهي،
ماٺهن گهر ۾ انگ اگهاڙي، يوسف شاه وڏاين واڙي،
گهوڙا چڪائن صمد بور

ڏاڙهيءَ کاڻ سدا ڏهکار هر هر حجم ڏي کن پنڌ هزار،
ڪرڙ ڪاڏي ته لهي بار، آڻ انجڻ کي رهي نه وار،
ڪرڙ ڪميٽا ڪنڌ جي ڪور.

حجمن مان هاڻ ٻٽيا سنياسي، ڊبلا ڏارن ڳاڙها ناسي،
ڪلي شيشي بازار واسي، لُچ مُڇ ڪوڙائن ٻٽجن لاسي،
ٻڌن ٽلا ٽمن ٽور.

ڏينهن گذارن ڪلي ڪلي، گهر ۾ نه ليي ڪا سڄي رلهي،
ٽانهه سڄي جي ڪانچ نلي، ڳوٺ جي گهمن ڳلي ڳلي،
شرم وڃائي ٿيا شهزور

”وريل“ وهنجڻ لاءِ ميٽ ملائن، منهن تي سنگتي يار سڏائن،
پر پٺ گلا ڪان ڪين گهٽائن، رب نه گڏي شل تن سان گور.

سمجهي ڏس صبر کي

سمجهي ڏس صبر کي،
عشق سندي اثر کي.

وڏي چڏ ويڙ کي،
هستي هوڏ هنر کي.

شهادت جي شوق ۾،
قربانيءَ جي قدر کي.

پير مُغان جي پڙ ۾،
شاهي شان شڪر کي.

”ورِيل“ چڙهيا آگم عشق جا،
اڪڙين جي ابَر کي.

جي ڄاڻي ڄاڻي سڄاڻي

جي ڄاڻي، ڄاڻي سڄاڻي،
تيءَ پاڻ ڪئون پاسي پرين.

حاجت ناهي ڪا هنر جي،
زور جي هڪڙي ذري،
جي گهرين هردم حياتي،
تان وٺ سورن کي سنيري

جي رکين شريعت جو شرڪ،
تہ ڏي طريقت کي تري،
حقيقت واري حال ۾،
پئہ معرفت منجھ تون مري.

"وريل" ناتي نينهن جي،
حق ٿا سڄاڻن حيدري،
صوفي سدا سک ۾ رهن،
ڪوپا بهادر قادري.

ڏارون درد بيمار لئي

ڏارون درد بيمار لئي.
ڦٽ لعنت جون ڦڪيون ڦڪيون،

دوا بيمار جي ڪير ڪري ڪير،
عين ڄاڻن تيون اکيون.

مِٺا ملامت گلا گاريون،
سي سڀ سِرَ تي سَنيون سَنيون.

"وريل" پيچ تون ڪُنو ڪارو،
مُنهن ڊانگيءَ سان مَڪيون مَڪيون.

بيت

ماڻ مڃائي ڪان مڃي، جيئن مڃي آ مصري،
محبت جي ميدان ۾، تون نانگا ٻيھ نسري،
"وريل" وڏ سري، ٿ مزو ماڻين ماڻ جو.

حسب نسب ڏيان نہ ڇاڻن، ڪُوڙي ٻڌن ٻُوڙي،
شيعہ سني سڏاون، سي يي ڪچي ڪُوڙي،
مڪي وڃن منھن ڪالا ڪرن، حج پڙھن ياڙي يُوڙي،
"وريل" سر سڃاڻن ٻاجھون، ٻي سڀ اَنڌ انڌوڙي.

پسي ڏوپو ڏپ جو، متان ڏوپ ڏوئين،
مرين چڱو ميرن ۾، تي اڃو عيب ائين،
متان راوَ روئين، سانول ساري سڪ کي.

سانول ساري سک کي، متان ڏک بہ وسارين،
”وريل“ چئي وصل جي، واڳ کٽي وارين،
پَرِ چڱي پارين، تہ سچاپين صوفين ۾

سي پڻ سورهيہ جوان، جيکي شهوت رکي شاھ ٿيا،
”وريل“ تن امان، هاديءَ ڏني حق جي.

واسينگن جي ويڙھ ۾، کپر سپ کپن،
يونگيون تن پيٽن جون، ورهين ڪاڻ وجن،
اوتارا اصيلن جا، مَرُ جان جام جڙن،
”وريل“ ويراڳين جا، دونهان روز دکن،
ٻِل جان ٻول ٻلن، اڳڻ آديسين جي.

قسمت قيد کريندي يارو، قسمت قيد بهانا،
قسمت دا جو قيد ٽوڙيندا، مرد سوئي مردانا،
”وريل“ شوق شاهي دي وچ، کوئي ڳوليا ٻڌ سي ڳانا.

ڪتو، پکي ڪانءُ، پاليندي پٽرو،
پيٽو پوئنڪي پئو ٿئي، ڏاڙهي ڏونٽو ڏانءُ،
هو پرَ سوئيندي پنهن جا، هلي هنجهه همانءُ،
ٿانهر وڏو ٿانءُ، نہ لڳي اُس اصيل کي.

پڙهن نمازون نفس جون، منُ نٽا مارين،
لکيو انگ ازل جو، پٽيا نہ پاڙين،
ٿا اجايو آٿين، الف مٿان انگڙا.

اُلو دي ٻچي اُلو رهہ ڳئي، ڪيهي خبر زاغان،
اوهہ اڏامي عرش ويندي، جاءِ جنهان دي افلاڪان،
”وريل“ ريت رسم اها هئي رندي، جو بک نهين شهبازان.

پکي پيچ پڃرو، وچ وطن پنهنجي،
ڇڏيون ديس پنهنجو، رهيو آن ڪاڳ ڪنهنجي.

ڏهاڪا ڪيين ڏهہ، يا وظيفا ڪيين ويهہ،
توڙي چاليها ڪيين چاليهہ، "وريل" مٽ ناهن مجاز جي.

ڪاتيون ڪهن سڀ ڪي، ڪاتين ڪهي ڪير،
"وريل" ڪڏهن وير، تہ ڪاتيون سڀ ڪسي پون.

پٽ نہ ڄائو پيءُ کي، پيءُ نہ ڄڻيو پٽ،
"وريل" منجهي پيو سُٽ، سالڪن ڪٿي صبر ڪيو.

ڳانڍُن ليکي ڳاريون، هو ڳڻ تا ڳالهائين،
قتيل قٽ فراق جا هڪ لحظي منجهہ لاهين،
تان تيلهہ سيبائين، جي "وريل" رهن وصال ۾.

جنهن گهر سان گهاريو ڪين ڪي، سا پرَ سان ڪندي ڪيئن
جيئن ۽ تيئن جاڙ جاليندي ڪينڪي.

عشق عقل

عشق جو آڙاهه

عشق جي آڙاهه ۾ پياسي،
عقل جي راهه کنئون وياسي.

عشق جو آڙاهه آ اهنجو، بنا سر جي ناهي سهنجو،
پرين جن کي کن پنهن جو، انهيءَ انصاف ۾ پياسي.

عقل جا ڳالهه ڳالهائي، وٺي نہ عشق کي وائي،
وڌس منهن ۾ مٽڻ ڇائي، نيڙا سر نينهن جا کنياسي.

عشق ميدان ملهايو، عقل پنهنجو گهر ڊاهيو،
"اناالحق" گيت دم ڳايو، قربئون پنهنجا قدم کنياسي.

الستي قول پاڙياسي، سوليءَ سرڙا سينگارياسي،
"وريل" سڪ سوز ساڙياسي، مُوٺو قِبلِمري جياسي.

جيڪي عشق ڇاڻي

جيڪي عشق ڇاڻي، عقل ڇا سڃاڻي،
عقل آ اجايو، پڻيو پيو پٽاڻي.

اصل عشق وارا، پرين پاڪ پيارا،
سُوليءَ سي سينگاريا، پيڙيا گهوٽ گهاڻي.

عجب عشق جڏهين، تو ڪؤنتل ڪڏائي،
وايون عقل جون ٽو سيئي وڃائي، قدم پوءِ اڻائي.
تو پرتئون پڇاڻي.

خبر عشق واري، سڄڻ کي سڃاري،
خدائي خماري، سدا موج ماڻي.

نندي نينهن لاتم، سائنئن کي سڃاتم،
"وريل" پيچ پاتم، ورهيه ٽيا وڪاڻي.

عشق عقل کي چوي

عشق عقل کي چوي تون کير آهين کهرا،
موڳا اسان جي ملڪ تي متان پٽيل ڏين پيرا.

انڌيون تنهنجون عادتون، تنهنجا انڌا آڪيرا،
چڙهندئي فوج فراق جي، تنهنجا ويندا واهيرا.

اسان وٽ اچن پيا مانجهي مرد مٿيرا،
ٻڏي مولهه مٿن سان، جئين سوليءَ تي سهرا.

ڪُوڙا تو ۾ ڪُوڙ جا آهن، مڪر مڪيرا،
اسان وٽ اصل ڪان آهن، دردن جا ديرا.

”وريل“ وِرهه وڪوڙيا، کي شائق ڇڳيرا،
مئخاني ۾ مست ٿيا، پلا پليرا.

عشق سلامت رهي

دين ڪفر درڪار نہ ڪوئي،
عشق سلامت رهي رهي.

لڪين اڏيءِ انهيءِ تي آيا،
ڪوڙيين ڪيئي ڪات ڪنبايا،
سر وڍيو ڪو سهي سهي.

لا ل لهوءَ ۾ ٿيا لاثاني،
عشق جنين تي ڪئي احساني،
وير وحدت جي وهي وهي.

اها ٻولي ”اناالحق“ جي،
بنا شرڪ نہ ٻئي ڪنهن شڪ جي،
ڪير ڪُنن ريءَ ڳهي ڳهي.

موج انهيءِ سر سانوڻ لايا،
علم حلم اتي عقل نہ آيا،
نالو ذات ”وريل“ ڪئين نهي نهي.

عشق لڳو اربيلن کي

عشق لڳو اربيلن کي،
سڀ ڪنهن جي نہ سجاڻ جو.

•

عشق سڄاڻن سردار سڀاجها، گوهر غازي خاوند خواجا،
راز انهيءَ ۾ رانول راجا، ناهي ڄڻن جي ڄاڻ جو.

عشق اصيلن تي ڪاهيون ڪاهي، ڏين سرڙا اڏيءَ تي ناهيون ناهي،
ساڻ شناخت وير وڏائي، پرت وندن جي پڇاڻ جو.

نازڪ نينهن نيائن نيهي، ساري سڏڙي تن کي پيئي،
پاڻ ڏنو جن پاڻ ۾ پيهي، موج منصوريءَ ماڻ جو.

”وريل“ صوفي صاف سوپارا، هادي هردم حق حقارا،
لاهي ڇڏيائون لوڪ جا لارا، ورق انهيءَ تہ وسارڻ جو.

عشق امانت

عشق امانت نج سلامت،
وجي پرينءَ کي پهچاءِ.

قلزم وارو قرب سجاڻي،
جاڻ وڃائج ڄاڻي سڃاڻي ،
پوءِ پير اڃي هن پڙ ۾ پاءِ.

ڳجهه ڳجهو ڳجهه ۾ سمائج،
لقب لاهوتن وارو لائج،
صوفي سالڪ پوءِ سڏاءِ.

ڪڻ تون بار برهه جو باري،
هردم رک دم هوشياري،
پوءِ سوليءَ تي سرڙو سهاءِ.

”وريل“ نازڪ نينهن نڀائج،
سختيون سُور سيئي سهائج،
حُسن هاديءَ جو آ هرجاءِ.

عشق عقل جو لڳو آهي جهيڙو

عشق عقل جو لڳو آهي جهيڙو،
کير نبيري کير ميان.

عقل چوي هجن هاٿي گهوڙا، تن تي چڙهي ڪيون سير ميان،
عشق چوي هلون پيرين پيادا، دم نہ ڪيون هڪ دير ميان.

عقل چوي هجن هنڌ ڪٽولا، پلنگين پايون ڪي پير ميان،
عشق چوي هلي مڪان وسايون، جتي خاڪ مٽيءَ جا ڍير ميان.

عقل چوي تيون ملان قاضي، ٻڌون وڏا ڪي پير ميان،
عشق چوي هلون سرڙو سينگاري، ڪيون سوليءَ،جو ڪو سير ميان.

عشق عقل کي ماري مڃايو، ڪيڏو ڪري انڌير ميان،
”وريل“ هنيو آ نينهن جو نعرو، چوءِ طرف چوڦير ميان.

آ گ لگي تن ميري نون

آگ لگي تن ميري نون،
جان جسم جند جيري نون.

ڄاڻ ڄرم دا ڄاڻ وڃايم،
فقه فكر دي ڦيري نون.

جوش جنبش كر جلدي جلدي،
ٻاريس ٻيري ٻيري نون.

دوزخ نون دم دم ساڙيندا،
ڇيرا ڇيري ڇيري نون.

"وريل" عشق آڙاھ اُڙايا،
دل دي ديري ديري نون.

بيتُ

سوليءَ واري سيج کان، متان مرد مڙين،
وڏي سر "وريل" چئي، ڏڙڪان ڏار ڏرين،
متان ڳالهه ڳڙين، عقل جي عادت جي.

عشق برهه

گونا گون مُلک عاشق دا

گونا گون هي مُلک عاشق دا،
انت اُهين دا پاوي ڪَونُ.

ڪئي زاهد تي زُهد ڪماون،
تسبيحان والي مٽڪي ڦيراون،
خاص خودي نون ڪاوي ڪون.

جنهن ڪيتا هئي سير صفاتي،
پاوي ڪوئي دروني جهاتي،
جوش جلال وچ جلاوي ڪون.

"وريل" موج مجازي مائن،
سولي چڙهڻ ديان خبران سڻاون،
سوليءَ سرُ چڙهاوي ڪون.

برھ بار ايندو

جڏهين ادا جنهن تي برھ بار ايندو،
سارو لوڪ تنهن کي چڱو ڪونہ چوندو.

برھ جي بهاري، سدا سوپ واري،
اصل کان اختياري، وڏي سر جو نيندو.

پرت مان پڇاڻي، ڪر سالڪ سڃاڻي،
اهو ڄاڻ ڄاڻي، اڏيءَ سر اڏيندو.

زهر جو پيالو، پيارِيُوَ نيارو،
سدا موج وارو، ڏوڙا ڏاڻ ڏيندو.

خودي سر خدائي، جذب جوش جائي،
”وريل“ هي وادائي، سچن کي سڏيندو.

جيوين عشق آکيا

جيوين عشق آکيا ايوين ڪرسان،
ڪوئي قدم نہ پيڇتي ڌرسان.

ويندي هوت بلوچ رمدي، مئين ويسان نال قدم دي،
باري بار آئي سر غم دي، مئين بِسۡمِ اللّٰهِ چا پڙهسان.

جنيان ڦِٽيان هوون، نت عيب اسان ڏي ڏوون،
نت نيڻ نمائي روون، مئين ويسان مول نہ ولسان.

”وريل“ عشق امام وسيلا، بن عشق نهين ڪوئي حيلا،
ڇوڙيم ڪڙم قبيلا، مُوتو تي ڪي مرسان.

عشق بهادر شير

عشق بهادر شير هويا، هرجا اپڻا حڪم هليندا.

چوءِ طرف چوءِگان چُڻيندا، جنگي جُنگُ جنگير هويا.

حق حق دا هوڪا ڏيندا، مستو مست متير هويا.

"وريل" نهين ڪاڻيارا ڪنهن دا، دستان دست دلير هويا.

عاشقن ڇڏيو آرام

عاشقن ڇڏيو آرام، ٻي سيڪا سمهي رهي.

ڇڏي لاڙو لوڪ جو، ماڻُ وڃايئون شان.

ڪري دوستي دم جي، ريجهايائون رام.

ڪربلا جي پڙ ۾، ڪامل ٿيا قتلام.

"وريل" پنهنجو ورهه ۾، ڪيڙو ماڳ مدام.

ڪيون عشق عقل سان تاديون

مرد هجن توڙي ماديون،
ڪيون عشق عقل سان تاديون.

عشق ڪيئي منصور ماراايا، ڪڏي ڪڏي تن ڪنڌ ڪپايا
اهي سيئي رانول رايا، شوق شهيدن شاديون.

عشق سڻي تو طول وهاڻا، هنڌ پٽڙيون ڪين سيباڻا،
عشق ڪري سڀ ڪم اياڻا، ٻن گلم ٻن گاديون.

عشق سدائين موجان ماڻي، ڪڏهن ڪين ريڌو ڪنهن ناڻي،
پاڻ سڃاڻيون پاڻ سڃاڻي، وير وحدت جون واديون.

عشق جتي آ ديرو لايو، اتي عقل جو رهيو نہ سايو،
ڇُمي "وريل" آ سر تي چايو، تيون ملڪان ملڪ مناديون.

برهه آ باري

عشق جي خواري سر تي آ ساري،
برهه آهه باري جنهن سيج سينگاري.

مرد بيهن ميدان ملهائي،
لاڳاپا سڀ لوڪ جا لاهي،
سوڀ ڪئن سهڻا سرداري.

ڳوپا قلندر سلطان سڪندر،
مست رهن اُهي مرد من اندر،
ورهه وسائن وحدت واري.

”وريل“ جيڪي پاڻ سڃاڻن،
من خدا واري موج تا ماڻن،
آهي انهن سندي اختياري.

بيت

امُر جنين تي عشق جو، برھ چڙھيو باري،
بيخود برھ بقاء جي، سڌ تنين ساري،
"وريل" رهن وصال ۾ اهي خاوند خماري،
کلهي ڪٿاري، اتن هردم هاديءَ هوت جي.

عاشق ۽ معشوق هميشہ رهندي رنگ رسيلا زردا،
ڪعبہ روءِ زمين تي، روءِ ڪعبہ هئي ڪنهن بردا،
"وريل" ڪعبہ ڪيون ڪر جاوين، جو ڪعبہ خاص فقر دا

انا الحق، همہ اوست

سر دي ڪرون سواري

سر دي ڪرون سواري،
دم دم قدم اٺائون.

ٻسمي ڪا پن ڪي ٻوٽا، حق ذات ۾ سمائون،
آپي آئون آپ جائون، خود ۾ خودي ڪپائون.

نيزا نينهن دا نشانبر، بانگ برھ دي سنائون،
تڪبير گهت حسن دي، منڪر ڪون مار منائون.

منصور من هميشہ، ڪڙ ڪڙ گلي ۾ گائون،
سُولي دي سر انجامي، "انا الحق" اسم الائون.

سر نور هٿي نظارا، نالا "وريل" بتائون،
محبوب ڪا ظهورا، الٽا چرخ چلائون.

دم کي سجاڻي غم ڪر

دم کي سجاڻي غم ڪر، دم آ الله اڪبر،
دم آ ظهورو ذاتي، دم آ سو نور انور.

دم آ قرب قرينو، دم آ حُسن حسينو،
دم آ مکو مدينو، دم آ حضور حاضر.

دم آ رسول رهبر، دم آ حسينؑ حيدرؑ
دم ساقيءِ حوض ڪوثر، دم خاتون ڏاج محشر.

دم کي الله ڄاڻي، دم صوفي صفا سڃاڻي،
دم موج سدا ماڻي، دم آ سو پاڪ پرور.

نالو ”وريل“ بہ دم آ، فرمان دم فهم آ،
قادر بہ دم ڪرم آ، دم دو جڳ جهان محشر.

آهيان سر مان الله جو

آهيان سر مان الله جو،
پنهنجي رهبر واريءَ راهه جو.

عبديت جو ڪري آيس اولو،
پهريم پوش پناهه جو.

لاشڪ هُيڙس لامڪاني،
تيس مصر ڪنعاني ماهه جو.

ڪربلا ۾ ڪنڊڙو ڪپايم،
ڪيڙم ڪوسُ ڪُلاهه جو.

مُٺو قِبلِ ائٽ مُٺو،
آهيان داتا جي درگاهه جو.

”وريل“ نالو نام سڏايم،
تيس سوداگر ساهه جو.

پرين پاڻ چو ڇپائين

پرين پاڻ چو ڇپائين،
خود ذات آن نظارو.

عرش و زمين منارا،
جوڙيا تو پاڻ پيارا،
خلقيئي فلڪ اوتارا،
سردار آن سونهارو.

صوفي صفا صفائي،
من موج من خدائي،
وَنحنُ اَ قربُ گواهي،
تنهنجي پرت جو پسارو.

جند جان جسم سارو،
ڪر تون ”وريل“ ويسارو،
هڻ نينهن جو نغارو،
محبوب آن مٺيارو.

عشق يلي ڪري آئين

عشق يلي ڪري آئين،
سيئي بار تو سهائين.

مُوتُو قبَلَلِ ماري جياري،
ڪُڻن ڪي تو ڪنبائين.

"الاِنسان سري وَ انَا سِرِهٗ"
هرجا حڪم هلائين.

هٿي نعرو "انَاالحَقُ" جو،
تندن ڪي تو تپائين.

خوني خنجر ڪٺي خوشيءَ سان،
"وريل" سر تي وهائين.

ڪيئن چوان تان ڪير آ

ڪيئن چوان تان ڪير آ، جو قريو آ فرمان ڪان،
لڪين نالا نينهن جا جي پچو شيطان ڪان.

يزيد چوان پليد چوان، شاهه حسينؑ شهيد چوان،
عربي محب عجيب چوان، شاهِ نجف جي شان ڪان.

ڪير هُيو ڪير ٿيو، وڇئون وڏو ويڙ پيو،
پائي ڏنم پاڻ ۾ ليئو، انهيءَ مان ارمان ڪان.

حيرت ۾ حيران ٿيو، ناهي ٻاروچل ڪو پيو،
”وريل“ نالو ڪيئن ٿيو، لاشڪ لامڪان ڪان.

بيت

نامرادي نسري ويس، هئڻ سڀ حجاب،
”وريل“ ويو اتاهين ، جتي ڏوهہ نہ ثواب،
هردم حج طواف، پيهي پسيائين پاڻ ۾.

نامرادي نسري، پئي ڳالھ پٽر،
نہ نفي نہ اثبات، نہ هيءُ نہ هوءَ پر،
ڳالھ نہ ڪنهن سان ڪر، ”وريل“ رهہ وصال ۾.

الله هُو اندر ۾، جمندي ئي جام،
وڃي سر ”وريل“ چئي، سِسيون ڏين سلطان،
نينهن سندا نشان، چُڻن تا چؤگان ۾.

چٹن تا چؤگان کي، بانکا بي پرواھ،
پين بہ چگا چٹيا، پر ”وريل“ چٹيا واھ،
اتي جڙيس جاءِ، جتي منصور ڏسي مات ڪئي.

نکي پڙهير پاڻ، نہ ڪنهن پڙهئي پڙهايو،
”الست بربڪم“ ”قالو بلىٰ“، ٿيو رباني رايو،
ننگي نالو نينهن ۾، مون ”وريل“ سڏايو،
سدائين سعيو، سوليءَ جي سر انجام جو.

سوليءَ سندي سيج ڪئون، مُدا ڪين مڙيوس،
لاهي لاڳاپا لوڪ جا، پٽر پٽ پيوس،
ساڳي سر ٿيوس، جز نہ رهي جنگ ڪئون.

جز نہ رهي جنگ ڪئون، ٿيس نسوروئي نينهن،
وساير ”وريل“ چئي، سندو محبت مينهن،
جتي رات نہ ڏينهن، اتي ترڪ ڏنم توڪل کي.

نت نماز پڙهائي رانجهن، ڪيڙيان سڀ خطائي،
تخت هزاري دا صاحب آيا، جنهن طبل وڄايا شاهي،
"وريل" مار نعرا اناالحق دا، بيشڪ بيپرواهي.

تون تخت هزاري دا صاحبزادا، ڪيوين چاڪ سڏايئہ،
اَلٽا بار عشق دا، اَلٽا اَلٽ چڙهيايئہ،
ويک "وريل" چال رانجهن دي، سڪڙا چوڙ ڪي دکڙا پايئہ.

من مڪ مسجد همارا، نت نماز گذارون حج هزار هزارون،
چڙهہ موج ممبر تي، بانگ برهہ دي پڪارون حج هزار هزارون،
"وريل" مرد ميدان اِهين وچ، سر سوليءِ تي اختيارون حج هزار هزارون.

صوفي وصالي

ماتامن جا ماڳ

ماتامن جا ماڳ،
آيل ڙي مون ڏٺا.

رتا وتن پنهنجي رنگ ۾،
ساڻ نہ ڪٽڻ ساز.

چڙا ٻڌن چيلھ ڪي،
پھرڻ ڪين پوشاڪ.

پڳون نہ ٻڌن پاڻ ڪي،
ليڙن جا اتن لاڳ.

اصل آڏوتي اهي،
”وريل“ منجھ ويراڳ.

يار سان ياري

مُرُ وتن أهي موج ۾، جن يار سان ياري رکي.
عشق جي جن جي اندر ۾، باهه باطوني ٻکي.

جيکي پيهي ويا پاڻ ۾،
سڀ سير ڪيون هڪ گام ۾،
خاص توڙي عام ۾،
جن عشق جي جاتي چکي.

سُور سڀ سر تي سهن،
گهين ڪي ڪجهه نا چون،
مست مستيءَ ۾ رهن،
أهي پرت جا پانڌي پکي.

"وريل" وصالي سي رهن،
دم ۾ گيت انا الحق ڳهن،
هردم تنوار آهِ تن،
جانب سندي جيءَ ۾ جُکي.

ماري محب جياري ٿو

مرد صوفي ميخاني تي، جلدي جام پياري ٿو،
ماري محب جياري ٿو.

ڏيئي ڏاج ڏکن جا ڏوڙا، سُوليءَ سر سينگاري ٿو،
بي خود بره جنهن جو بالا، نِگهه ساڻ نهاري ٿو.

دائم دم آ جنهن جو هردم، ڪارقتل جي ڪاري ٿو،
رانول راز رضا جو رهبر، اڻ لائق اجاري ٿو.

طالب کي تلقين ڪري، ستت يار سنياري ٿو،
فراق فنا في الله جو ڏيئي، واڳ وصل جي واري ٿو.

”وريل“ نالو نانءُ آ جنهن جو، پرت وارا پڪاري ٿو،
علي نواز عاشق اربيلو، ويجهو ڪول ويهاري ٿو.

پڙهن نيڪ نماز

پڙهن نيڪ نماز حُسن جي،
ڪن ڪونہ ڪُسڻ ري، ڪم ميان:

فرق نہ آڻن فرض سنت جو،
نڪو وير وهم ميان.

حق رهن هو هڪ ئي حق سان،
دور نہ تين هڪ دم ميان.

بانڪا بي پرواه رهن تا،
لاهيو لال لحم ميان.

"وريل" پير مغان سان پرتئون،
قربئون ڪٽن تہ قدم ميان.

نينهن لائجي

نينهن لائجي تہ توڙ نيائجي،
ٿڏ خان خوديءَ کي کپائجي.

عاشق ٿئين اڏيءَ تي،
ڪُڏي ڪڏي ڪنڌ کپائجي.

نيزي چڙهي نينهن جي،
سُوريءَ سر سلهاڙجي.

طعنا تنڪا مهڻا ملامت،
ڪري هارُ ڳچي ڳل پائجي.

صاف ڪري هڪدم سيني کي،
صوفي "وريل" سڏائجي.

بيت

صوفي سَير لنگهي ويا، پي سڪ سندي سرڪي،
مَرد انهيءَ ميدان ۾، ايندا مَٿن مٿي مرڪي،
”وريل“ ڪين ڪڏهن ڪرڪي، ايندا مرد ميدان ۾.

صوفي سڏائين تہ ڪمينو ڪوناءِ،
جتي ماڳ مُنن جو ڪئونتل تت ڪڏاءِ،
وساري ”وريل“ ڪي ساڳي سر سڏاءِ،
ڇڏي عقل جي جاءِ، گذارج گرنار ۾.

اڪڙيون، حسن

جاڏي ڪاڏي آ نيٽين نظر

جاڏي ڪاڏي آ نيٽين نظر،
جڏهن نهارن ناز سان.

ادب سان اکڙيون کڻن، واهه واهه منل مون کي وڻن،
برهه جا بادل ٻڻن، هاڳام تيا هُلڙا حشر.

چول لاڪيٽا ڄُلن، پؤنر تا بيشڪ يلن،
وصل جا هوڪا هُلن، ڪوڙين پئي ڏاڍي ڪٺر.

ديد ڪيئي ديوان ڪيا، مُلڪان مُلڪ مستان ڪيا،
حُوران پريون حيران ٿيا، ڏهلي پيا ديو وَ دشر.

ڪوڙين "وريل" ڪيئي چوان، پنهنجي ڏيهه جا ڏيهي چوان،
منجهه تہ وصل ويهي چوان، مَلڪ وَ فلڪ جنّ وَ بشر.

اڪيون اوجان

اکيون اوجان چاڙهن فوجان،
دلين جا سات ساڙن ٽيون.

اکيون هن نورُ نوراني، اکيون هن لعل لاثاني،
اکيون هن رنگ رحماني، ٻڌا پيڙا ٻہ تارن ٽيون.

پيڙن ٽيون گهوٽ گهاٽي ۾، موهن مشتاق ماٽي ۾،
ڪڏهن ريجهن نہ ناٽي ۾، قتل جا ڪاج ڪارن ٽيون.

لکين مجنونءُ مستانا، گهمن در در تا ديوانا،
پائي ڳچيءَ ڳل ڳانا، جڏا ڪيئي جيارن ٽيون.

اکين آگم ڪيا اهڙا، جيئن جهڙ بادل جهڙا،
”وريل“ عاشق بيوس تيڙا، هنجهون نت روز هارن ٽيون.

سر گھور گھور گھوريان

سر گھور گھور گھوريان،
قربان تيان قدم تان.

حُسين تيا حيراني، دانهہ سچا دوراني،
لاهوت لا مڪاني، سهڻي سندي صنم تان.

هيبت جهڙو هلي تو، چالي عجب چلي تو،
ڏاڍي پريت سان پلي تو، ان بي مثل پدم تان.

پرين چول تو ڄُلي ساري خلق پئي پُلي
مَرُ ملڪ ۾ هُلي، اصيل جي عدم تان.

”وريل“ جهڙا وصالي، بي مثل بحالي،
پنهنجي خوشئون خوشحالي، جانب سندي جَدَمَ تان.

ينيا سندن وار

ينيا سندن وار،
پرون تي پؤنر پلن تا.

مُزگن ماري ملڪ ميجايو،
تيو ڏيهن ۾ ڏهڪار.

ظالم زلف زورآور زنگي،
ڪن تا قتل قهار.

لائن لعل لبن کي لالي،
گوهر ڪن گفتار.

"وريل"راز انهيءَ ۾ رانول،
سُوليءَ تي سردار.

سردار حُسن سرڪار

سردار حُسن سرڪار اعليٰ،
ڪوڙيين ٿيا قربان بادشاھ بالا.

جيڪي حُسن جي حيرت ۾ آيا،
پنهن جي هٿن سان پاڻ لحم تن لاهيا،
سولي پائڻ سيج ڪيائون نشان نالا.

مجني جهڙا مير چولا ڪيائون چير،
سچا رکيا جنين سير،
پؤتائون من ۾ محبت مالها.

رکيؤن جوڙ جنسار، ڪري جنگ جاري،
ٻڌي شاھ شملا، ڪري سرت ساري،
ڪيو هوش حيران، ڪڍي تال تالا.

"وريل" حسن، همراھ گهرجي،
بنا حُسن جي، ٻيو ڪو نہ سُجهي،
ڪري راز رحمت ڪامل ڪمالا.

سر تہ سوليءَ تي لڙڪي

سر تہ سوليءَ تي لڙڪي،
ڏاڍو ڪات حُسن جو تو ڪڙڪي.

ڪوڙين ڪيئي ڪات ڪنبايا،
دزد دٻايا دڙڪي.

ڪايون وجي تو خون جگر جو،
ماسُ هڏيون هڏ رڙڪي.

آتش عشق آڙاھ مچايا،
باھ ٻيڙ ڪيون ڀڙڪي.

”وريل“ مرد ميدان انهيءَ ۾،
ڪو صوفي سالڪ سڙڪي.

ڏيون سر سوليءَ تي سينگاري

چوٽ حسن جي تا چڙهون، مور نہ مڙئون،
ڏيون سر سوليءَ تي سينگاري.

عشق جي آڙاهہ ۾، گهُور ڪري تا گهڙئون،
چوٽيءَ تا چڙهئون، مات ڪياسي مدعي ماري.

محبت جي ميدان ۾، اوري ڪين تا اڙئون،
سبق تا پڙهئون، ڇڏياسي ورق سيئي وساري.

”وريل“ وياسين اُتاهين، جتي قرب وارن جون ڪڙيون،
جيءَ جون جڙيون، ايندو، رانجهن پنهنجا قول پاري.

تنهنجي حسن لايو هٻڪار

تنهجي حسن لايو هٻڪار ميان،
تون تہ ساڳيو آهين سردار ميان.

ڀري آئين پوشاڪ پيارا، ناميا نرمل نور نظارا،
الانسان سري اشارا، تون تہ ديد آهين ديدار ميان.

مسجد تون مئخان بہ تون آن؛ اسلام كفر ايمان بہ تون آن،
بي رنگي بي بيان بہ تون آن، تون تہ ننگي آهين نروار ميان.

حاجي حج حرمين بہ تون آن، قدسي ڪعبہ قوسين بہ تون آن،
ذات اصل حسنين بہ تون آن، تون آن شاھ عليؑ انوار ميان.

”وريل“ نالو ڪيئن ڏرايئہ، سورن جو سامان سهايئہ،
وصل وصال جو ورھ وسايئہ، تون محبوب آهين مختيار ميان.

شاهه حسن جي شوق ۾

شاهه حسن جي شوق ۾،
لاڳاپا ويا لهي لهي.

دنيا دين ايمان ڪفر جو،
قبر قيامت هل حشر جو،
سير ڪيوسي سهي سهي.

عزرائيل ڪان اڳي هٽاسي،
موتو قبلل مري جياسي،
وڌو قرب هاديءَ جي ڪهي ڪهي.

بهشت دلاسو دوزخ دڙڪو،
ڪوڙي دنيا خاليءَ ڪڙڪو،
ڊپ ويا سڀ ڊهي ڊهي.

"وريل" مرد ميدان انهيءَ ۾،
صوفي واري صاف صحن ۾،
خان ايندا ڪي ڪهي ڪهي.

سر تي آيو

هي جو حسن حال سارو،
سر تي آيو يلڻ سر تي آيو.

ٻاري آڙاهه عشق جو،
لاهوتين به لايو.

نين لڳا نينن سان،
جبل کوهه جلايو.

نيزي چڙهي نينهن جي،
انـــا الحقُ الايو.

مئخاني مشهور تي،
"وريل" نام ڌرايو.

بيت

دين سچا هئي ديد دلبر دي، تي مک محراب پيشاني،

ديد کنون جهڙي دور گذارن، سي حيضي تخم حرامي،

عاشق اکبر حج گذارن، جند جان کرن قرباني،

"وريل" حسن حق پاک کر ڇاڻي، هر چيز دي وچ لاثاني.

وصال، ڪانگل

ساعت پانيان ٿي لک لک سال

ساعت پانيان ٿي لک لک سال،
وري آ يار وطن ٿي.

تنهن جي فراق فنا ڪيو،
هيٺا تيڙم حال.

هي سرصدقي يار اوهان تان،
گهوريان مڏيون ۽ مال.

تنهنجي اچڻ لئہ يار پيارا
ڦيريو وجهان پئي ڦال.

اگڻ آ تون يار اسان جي،
ڪري پلايون پال.

تنهن جي وِرهہ "وريل" ڪي،
ڪيڙو آ نينهن نهال.

اڪڙيون سڪندي سڪ ۾ رهيون

اڪڙيون سڪندي سڪ ۾ رهيون،
پلڪ پاند پرينءَ جي پيون.

جن کي آيا ڏاج ڏکن جا،
سي ته بکيون ئي بک ۾ رهيون.

لکين دليون ته دستِ ڪيائون،
پَهَ انهيءَ ۾ اڃي ته پيون.

”وريل“ وصال ڪان ناهن وانديون،
سوين سوين سورڙا سهيون.

من کو ياد پوئي

من کو ياد پوئي عشق جو اثر،
ڪُسڻ ڪنبڻ کهڙو، ناهي ڪات کي ڪَکَرُ.

جڏهن ڪات تو وهي، سارو سر تو سهي،
الٽو لحم تو لهي، ڏاڍو زور آ زبر.

ڪربلا ۾ ڪِيسَ ڪيئي، حيرت ۾ حديث ڪيئي،
نيزي سر نسنگ ڪيئي، پنهنجو نينهن ڪيئي نشر.

ظاهر پنهنجي ذات ڪيوَ، سورن جي صفات ڪيوَ،
لطيفاڻي لات ڪيوَ، ڏاڍو برهه آ بحر.

”وريل“ پنهنجو نام ڌرايوَ، ڪيڏو ڪيڏو لقب لايوَ،
سر جو اچي سير ڪرايوَ، پوءِ هاڳام ڪيو حشر.

جاني مونسان ڪر نہ يار جدايون

دوست منا دلبر ساھ جا ثمر،
جاني مونسان ڪر نہ يار جدايون.

پراڻا پيدا ٿيا، دل منھن جي تي دفتر. غم گوندر.

اصلي عشق اوھان جي، لاٿڪ چاڙھيا لشڪر ھل جشر.

معاف ڪيو مسڪين ٿئون، لڳ ڏاتر ڏوھ ڏمر وارث ور.

ڪج وصال ”وريل“ سان، ھوت پنھون ھيڪر ساپ پيا سفر

ڏک منهنجا اتم ڏاج

سکُ نہ وٽن سرتيون،
ڏک تہ منهنجو ڏاج.

پينر ياڳي آئيا،
اديون منهنجو آج.

نابر ناهيان نينهن کئون،
ڪونهي هوند حجاب.

”وريل“ هاديءَ هوت جو،
مون تي مِهر مجاز.

اڳڻ تي ٻهاريان

اجهي شال ايندا، اڳڻ تي ٻهاريان،
پنبٽيون پٽڙيون، اکين ۾ ويهاريان.

جهجهڻ جيءَ جهوري، لائي ويام لوري،
گهوريان جان جندڙي، ٿيان گهور گهوري،
چوري ندوري، ننگيءَ ڏي نهاريان.

سچو سات سيد جو، تيڙو سٽائو،
وريون واڳون وصل جون، ويڙم ڏولائو،
لٽي مونجهه من جي، گولي تي گذاريان.

ورتا جي ٻانهڻ پوتيدار پچايان،
آءُ پاڻ ڳهلي، قالون روز پايان،
رويون روز رويون، ايي تي اوساريان.

"وريل" تن وَهيَن جي، ڏاريل آءُ ڏاري،
اصلي عجيبن جي، ڳچيءَ ڳل ڳاري،
کندم سهٽل ستاري، پورهيت تي پُڪاريان.

بيت

کانگل قريبن کي حال چئجانءِ هيئي،
تہ سڄڻ تنهن جي سور جي ڳالھ ڪريان ڪيهي،
هڪ ٻاريئہ باھ برھ جي پيو دکايئہ ديهي،
"وريل" تنهن جي ورھ ۾ نپنيو نند يئي،
هاڻي دست مٺئون ڏيئي، ڍولڻ ڪٽي ڍَڪ تون.

کانگل منهن جي پرَ کي تون حال چئج هاڻي،
ڪڏهن ايندين سُپرين هن پوريءَ جي پاڻي،
ساھ تہ منهن جو سپرين توڏانهن تو تاڻي،
تيا ورهيہ وڪاڻي، "وريل" کي تنهن جي ورھ ۾.

کانگل منهنجي پرَ کي تون سُڌ ڏجانءِ ساري،
ڏينهن گذري ڏکن ۾ رات روئان ساري،
وساري ويهي رهين هي جا ڏوبڻ تو ڏاري،
وجهي وئين "وريل" کي ڳڻتين جي ڳاري،
هيءَ نتر نکاري ڪوڙين ڪج قريب تون.

ڪانگل قريبن کي حال چئج هيئن،
هڪ وڇوڙي ويران ڪئي پيو نانگي ڪئي تنهنجي نينهن،
مرُ جان موڪَ و سن مينهن، "وريل" متئون وره جا.

ڪانگل قريبن ڏي مُدا نہ منججي،
وڏي سرُ "وريل" چئي ڪجي ڏڙ سسيءَ ڪان ڏار،
ڪو پهُ پريت جو ڪو پار ڪجي،
سڙي سچ تجي آڏو عجيبن جي.

ڪانگل قريبن ڏي منجھ آه ميار،
وڏي سر "وريل" چئي ڏڙ سسيءَ ڏار،
لتي سڀ ميار، "وريل" رهيو وصال ۾.

ڪانگل قريبن ڏي منجھ آه ميار،
پورهيت جي پاڻ ڏٺي اچي ساجن لهندو سار،
وِٽِ نہ وجهندم وار، "وريل" گوهر ڏانهن گوليءَ جي.

دوزخ جي دڙي تي، بيهي چئي سي بانگ،
حرف پڙهيو سي حق جو ، ٻي تن ڇڏي سي تانگهه،
ڇڏي سڀ سانگ، "وريل" رهيو وصال ۾.

ڏڙ ڍونديان تہ سِرُ نہ لهان، سِرُ لهان تہ ڏڙ ڏار،
لٿي سڀ ميار، "وريل" رهيو وصال ۾.

جيءُ بہ تنهنجو جيءُ، پر وڏو قوت فرق ڪيو،
منهنجي مداين جو، لٿو سيوئي سيءُ،
پڪون اڄي پيءُ، "وريل" وٺيون وهُ وصال جون.

جوڳي

جڳ ۾ جوڳي تيڻ

جڳ ۾ جوڳي تيڻ، مري تہ جئيڻ،
آهي اها ، ريت رندن جي.

جان جگر جيرا بکيون،
خوشيءَ ساڻ ڪيئڻ.

چولي چيهاڙيون ڪري،
سورن ساڻ سيئڻ.

مئخاني محبوب جي،
پُر ڪري پيالا پيئڻ.

غلام قادر غير جا،
پولا سپ تہ پيڄڻ.

"وريل" هاديءَ هوت سان،
هردم هڪ تہ تيڻ.

جڳ ۾ جوڳي آهيون

جـڳ ۾ جـوڳـي آهيون
پاڻ سجاڻي پنهنجو ٿا مرلي مست وڄايون.

ڪنيون قنديل ڪچن ۾ پرت ساڻ پنايون،
ٻڪيا ونون بيراڳين جيان اندر ڪين ڪمايون.

وِهُ پيئون واسينگن جيان صبر منجهه سمايون،
ڦُوڪان ڏيئي فراق جون جبل ڪوهه جلايون.

ڏُوڙ درد فراق جا دونهان روز دکايون،
اُلاَ پنهنجي عشق جا عرشن منجهه اُڏايون.

مرڻ معاف ٿيوسي چئي چا ٻڌايون،
نيزي چڙهي نينهن جي صوفي "وريل" سڏايون.

جيڪي وسارن وو يار

جيڪي وسارن وو يار،
حيف هزار تن کي.

ٿمرڙو سور ڪنيون، گوندر گذارن،
پنهن جا پرين پاڻ ۾ نيٽين نهارن.

وڏو جسُ جوڳين کي آتڻ اجارن،
مئخاني تي مئي جا پُر پيالا پيارن.

هادي حال حلاج ۾ گوهر گذارن،
سر ٻڌائون سَهرا سوليءَ سينگارن.

”وريل“ صوفي سَهڻا پَر چڱي پارن،
ڏانهَن هڪڙي دم سان مڻا جيارن.

بيت

جتي بيهن جوان، اتي مَلڪ ڏسن مشاهدو،
آهي آديسين ڪي، سندو گروءَ گيان،
سدا نام نيشان، ”وريل“ ويراڳين جو.

جي پائئين جوڳي ٿيان، ته وايون سڀ وسار،
ٻڌي ٻوڙو ٿي، ٻي وائي وات نه وار،
پير مغان جي پڙ ۾، هئي هئي هنجهون هار،
دنيا دين ڪفر ڪنئون، گوشائتو گذار،
”وريل“ پاڻ وسار، ته طالب ٿئين توحيد جو.

جي پائئين جوڳي ٿيان، ته پيچ هڻڻ هستيءَ هير،
پير مغان جي پڙ ۾، ڪڻ پرت منجهارئون پير،
”وريل“ وڏي سڀ وير، وڃي طالب ٿي توحيد جو

جيڪا باھ برھ جي، سائي جوڳين جُوءِ.
پنھنجا پرين پاڻ ۾، ڏسن روبروءِ،
وندر ورو ھان وصل جون، ڪن خُلق ڇڳي سان خوءِ،
”وريل“ جوڳين جوءِ، ڏسي نيڻ نھال ٿيا.

ڀيڳ پني ۽ پڙڪن، باھيون بيراڳين جون،
ڪنڌ واريو ڪاپڙي، پنھنجو پاڻ پسن،
ماسو الله ڇئي ڏوھ، نہ ڪنھين ڏين،
جيجل جوڳيئڙن، منھنجو جيءُ جياريو.

منھنجو جيءُ جياريو، مَرُ جوڳي ٻہ جُڳ جيئن،
”وريل“ ڇئي وصال جون، مَرُ پڪون پاڪ پيئن،
جيجل جوڳيئڙن، ڪال نہ ڏنو ڪڏھن.

ڪالُ نہ ڏنو ڪڏھين، ھئا سدا منجھ سُڪار،
جيجل تن جوڳيئڙن، ڪتيريون ڪنڪار،
وتن مست مٽيادار، رانول رضا جا ڏٽي.

آيل آءُ نران، ڏسي جڙيون جوڳيئڙن، لٽڙا خاڪ لپيٽيا، ميرائڙيون منهن،
نہ ڀڳون نہ ڀنڪا، اصل آديسين، ”وريل“ اهڙن آديسين، خاڪ ڪستوري چوان.

خاڪ ڪستوري ، تن جي لڳن کي لايان،
پٽي جا پيرن جي، اکين ۾ پايان،
”وريل“ ڳڻ ويٺي ڳايان، سدا سناسين جا.

جوڳين سندي جڳ، نڪو مرڻ نڪو مامرو،
ميا متارا مڳ، ”وريل“ متن متي مست ٿيا.

جيجل جوڳيئڙن جي، جيڪر مان در مهماني ڪريان،
سرُ ودي سينگاري، تن جوڳيئڙن ڏيان،
جوڳيئڙن ميان، ”وريل“ جيءُ وڌو آ جهاجهري.

جيجل جوڳيئڙن ڏي، مان نرتئون نهاريان،
هٿ چمان پير چمان، پٽي پڳهاريان،
سرڙو سينگاريان، ”وريل“ تيان وهيٽي سڄٽين

سسئي

ڪيچ جو ڪاڏو

ڄاڻ ڄمندي نا مُئس، پلئہ پاند پنهل جي پيس.

لوڙهي ڇڏيائون لهر ۾، بي مثل جي بحر ۾،
ڪن قضا جي قهر ۾، لُڙهندي ڪتيءَ جي هٿ چڙهيس.

سُتي ڏنائون سور جي، ماٺ جي مذڪور جي،
ڪيس هن ڪلور جي، ڪنهن لاءِ جيڏيون تي جيس.

پاليائون وڏي پرت سان، نياڻي ڪري ڪنهن ٻرت سان،
سياڻي تيس جڏهن سرت سان، تڏهن ڏيءَ ڏوٻڻ جي تيس.

قرب ڪيچيءَ جو تيو، وس حال ڪان بي حال تيو،
ڪيچ جو ڪاڏو پيو، "وريل" نهوڙي نينهن نيس.

ڏني دم عشق حق لولي

ڏني دم عشق حق لولي، آهيان گولي اتم ٻولي.

طعنا ٺنڪا گلا گاريون، پنهل جي پرت ڪيون پياريون،
ناهيان نابر جهليم جهولي.

ڳهي ويم ڪيچ ڪوهيارا، هٽي دم نينهن جا نعرا،
ڪري ٻاروچي ويم ٻولي.

آهيان ٻانهي ناهيان ثاني، ڪيان جند جان قرباني،
چيهاڙيون چاڪ ڪيم چولي.

جتن جيءَ جاڙ آ ڪيڙي، ”وريل“ وس ڪان بيوس تيڙي،
لڳي هينئڙي اندر هولي.

جتن جون جبل ۾

جتن جون جبل ۾ آهن جام جهوڪان،
موتين کان مهانگيون پنهل جون پلوڪان.

چُرن ۽ چُڻن جي ڪريان ڳالھ ڪيهي،
وهن واھ واهيون ٽيون سرهيون سيئي،
هردم هميش لڳيون موج موڪان.

ڪتوريون تا ڪائن،
ڪنهن کي نا ٻڌائن،
ورھ تا وسائن، پڪيون پاڪ پوڪان.

ڏکيءَ ڏير ڪيڙا، ورتيون هوت ويڙا،
پلڪ منهنجي جي پيڙا، اِهي ويڻ ٽوڪان.

جتن لاءِ جيڏيون جيئڙو جُکي ٿو،
هيڏو حال مئيءَ جو ڏکن ۾ ڏکي ٿو،
"وريل" وس آ کهڙو ڏئي نينهن نوڪان.

ڪاڪيون ڪين ڇڏيندس

ڪاڪيون ڪين ڇڏيندس پينر
مان دوست پنهل جو در

ڏيندس جوش جبل کي،
ڏوري وجهندس ڏونگر.

مان پورهيت آهيان پرينءَ جي،
سڏيندم ساگر.

هوندي هميشھ هوت سان،
وارث منهنجو ور.

”وريل“ هادي حق جو ڏنو آ،
مون کي ذوق ذڪر.

ٻڌن سور سهرا

جتن جا جبل ۾ آهن واٽ ويرا،
چوريءَ چڙهي ويا ڪري ڏاڍ ڏيرا.

اُنن جي اوڳر جي بيشڪ بوءِ آئي،
وڻ ٽڻ واسيا تيا سرها سيئي،
ٽيون بيحد بهاريون نرخ نيش نيزا.

ويندس ڪيچ ڪاهي،
لقب لوڪ لاهي،
نينهڙو نيائي يري پرت پيرا.

ڳچيءَ پانڌُ پايان،
کهڙو سگ مان ساهيان،
ڪنيزڪ ڪوٺايان مرڪ مون جو ميرا.

"وريل" ورھ واريون،
ويهن ڪيئن ويچاريون،
چوي ڪير ڏاريون ٻڌن سُور سهرا.

مومل راڻو

نڪو مومل نڪو ماڻو

نڪو مومل نڪو ماڻو
نڪو ٿهل يار ٽڪاڻو

راند ڪئي ويو راڻو.

حد گذيائون ميم سان
محبوبن جو ماڻو.

(اڌورو)

بيت

ڏک ڏهڳ. ڙي جيڏيون، اتر ڪڇو ساڻ ڪرم،
ماسوا الله سڀ ڪنهنين، شهيدن شرم،
پلو تيس پرم، "وريل" هڏيس ته هيٺا ٿيا.

ڏک ڏهاڳ ڙي جيڏيون، اتر سوڍل جو سهاڳ،
هڪ مرڻ ٻيو ماٺ ڪرڻ، ٽيون پلو پينر ياڳ،
سوڍل جو سهاڳ، جيڪي مرنديون سي ماٺينديون

مرنديون ته ماٺينديون، وري موٽي ڪين مرن،
چڙهيون ڏاگهه ڏکن جي، سي "وريل" ڪين ورن،
جي اهڙي ڏوهه ڏرن، مرڻ تنين تان معاف ٿيو.

سهڻي ميهار

بيت

چڙهي موج مهراڻ، ٻائر ٻوڙ ٻڏن،
ڱنگو ڪانهه ڪکوريا، ڪيون لعل لُڏن،
وچون وڃ ميهار جا، ڪِلن پاس ڪڏن،
سهڻيءَ جي سڏن، ”وريل“ ميهر وڏو مامري.

ڪنگو ڪانهن ڪکوريا، ٿيا نوراني نور،
حاصل حج حضور، ”وريل“ منڊ ٻڏل ماڻيو.

ڪنگو ڪانهن ڪکوريا، ٻيلي منجھ ٻهون،
محابي ميهار جي، ڪرن لعل ليون،
پوءِ تڏي چانوَ ڪيون، مٿئون ميهار جي.

عمر مارئي

منهنجي مارن جو آ ملڪ پري

منهنجي مارن جو آ ملڪ پري
اهو ڪانگ هجي جيڪو جلدي وري

مونکي مارن جو تہ وڇوڙوآ سڪيل ساهہ منجهيل مَنُ موڙهو آ
ڪيان ڪيئن مان هاڻِ عمر ڪوڙو آ
نہ تو منٿ مڃي نہ تو ڏيان ڏري

مارن باس باسي آ اها ڳالهہ مارن جي خاسي آ
اها توڙ لڪيل عمر توکي ڦاسي آ
نہ تہ قيد ڪوٺن ۾ بند ڪير ڪري

"وريل" ويڙهيچن ڏي ويندس مان وڃي پيش پرين جي پونديس مان
تعنا لوڪ سڀي جا سهنديس مان
ڏسي ملڪ اباڻو هيانءُ ٺري

مڪر جون ماڙيون

سير نہ ڀڄن سومرا اهي ڀٽ ۾ ڀنهواريون

ڀيرائي تہ ڀڄي وڃهان،
اهي مڪر جون ماڙيون.

”وريل“ ويڙهيچن جا
سانير سنياريون.

بيت

لڏي ويا ڇڏي، ڪري ڀاڻ ڀنا،
مُنهہ تن مارُوئڙن جا، ساري رات رنا،
اڃي قول ڀنا، ”وريل“ ويڙهيچن جا.

نوري ڄام

بيت

تون سمون سامن جو ڌڻي، منهنجي چولي چاڪ چڪون،
سمان تنهن جي ست ۾، اسين لانگوٽيون لڪون،
جي پياريوَ پاڪ پڪون، سي وسرن ڪين ”وريل“ چوي.

تون سمون سامن جو ڌڻي، مان نوري نماڻي،
ريءَ سينهونءَ سِرَ تي، پرينديس پاڻي،
سمان ڄاڻي سڃاڻي، ڏيکج عيب ڍڪيءَ جا.

دين كفر دركار نہ كوئي،
عشق سلامت رهي رهي.

لكين اڏيءَ انهيءَ تي آيا،
كوڙيين كيئي كات كنبايا،
سر وڍيو كو سهي سهي.

لال لهوءَ ۾ تيا لاثاني،
عشق جنين تي كئي احساني،
وِيرِ وحدت جي وهي وهي.

اها ٻولي ” اناالحق“ جي،
بنا شرڪ نہ ٻئي كنهن شڪ جي،
كير كُڻن ريءَ كَهي كَهي.

موج انهيءَ سر سانوڻ لايا،
علم حلم اتي عقل نہ آيا،
نالو ذات ”وريل“ كئين ٿهي ٿهي.

كاتب پريس GPO روڊ لاڙكاڻو 0300-3404707